روحاني راهه

مان

چونڊ نقطا

[ڇاپو ٻيو   جلد ١٠٠٠]


ڀيٽا


نت نيم پريم سان پڙهو

Potali

Suil

Sunil






Usha
panwas
~~Panwar~~

~~Usha~~
~~Panwa~~

Usha
Panwar



روحاني راهه

مان

چوند نقطا

ڀيٽا

لٽ نيم ٺريم سان ٺڙهو

روحاني راه ۾ ڪن ڏنلن اُپديشن مان
چونڊ نقطا
اُپديش ١- ٻارڻ کي گهٽ ڇاڏڻ

١. ڏٺيءَ جو خوف هٽڻ گهرجي.
٢. ماڻهن جي واڪاڻ تي خوش نہ ٿيڻ گهرجي.
٣. سڀ سان محبت هئڻ گهرجي.
٤. حد کان ٻاهر علم جي سڌ هئڻ نہ گهرجي، ڇو تہ ان ۾ گهڻو ڪاپارو ۽ فريب آهي.
٥. نيڪ چال چلڻ گهرجي.
٦. ڦونڊ ۾ نہ پرچڻ گهرجي.
٧. هٺ نہ ڪرڻ گهرجي.
٨. گمنام رهڻ گهرجي.
٩. ٻارڻ کي ڪين جهڙو ليکجڻ پسند ڪرڻ گهرجي ۽ ٻين کي چڱو ۽ لائق.

اُپديش ٢- سچ جي سکيا

١. اسان جا خيال ۽ حواس اڪثر ٺڳين ٿا.
٢. مشڪل ۽ ڳوڙهيون ڳالهيون بحث نہ ڪرڻ گهرجن.
٣. سڀ شيون هڪ مان نڪتيون آهن ۽ هڪ ۾ ئي ڏسڻ گهرجن.
٤. ايڪاگر ۽ ايڪمنون هئڻ گهرجي.
٥. دل صاف، سرلي ۽ استر هئڻ گهرجي.
٦. سڀ ڪم مالڪ جي وڏائيءَ لاءِ ڪرڻا آهن.

ڪرسٽ جي پيروي

Imitation of Christ هڪ عجيب ڪتاب آهي انجو سنڌي ترجمو لٽن ٻوليءَ مان اسانجي ڀاءُ شري پرمانند ميوارام ڪيو. هي ڪتاب روحاني طريقي ۾ هلندڙن لاءِ تمام ڪارگر آهي. ان مان ڪي چونڊ وچن ڪڍي سنڌ سڀا اجمير وارن روحاني راه جي نالي سان ڪتاب جي صورت ۾ ڇپايو آهي.

هن زماني ۾ هرڪنهن ڳالهه ۾ جلدائي ڪرڻي پوي ٿي. انهيءَ ڪري روحاني راه جي هرڪنهن اُپديش مان چونڊ نقطا ڪڍي هن ڪتاب جي صورت ۾ ڇپايا ويا آهن. جيڪڏهن ڪجهه هيٺ مٿي ٿي ويئي هجي ته هيٺ صحيح ڪندڙ کي اُميد ته معافي ملندي.

مولچند خوشيرام ڪرپالاڻي

اُپديش ٥- غير واجبي سڌون

١. ڪنهن بہ شيءِ جي بيحد سڌ نہ رکہ.
٢. غريب ۽ ننڍو ٿيءُ.
٣. جنهن پاڻ اڃا سچو نہ ماريو آهي، سو جهٽ پريکشيا ۾ ٿو پوي.
٤. جسماني شين ڏي مائل نہ ٿيءُ.
٥. جهٽ خفي نہ ٿيءُ.
٦. حرص ۽ هوائن کي روڪ.
٧. پريمي ۽ روحاني مزاج ٿيءُ.

اُپديش ٦- هٺ ۽ ڪوڙي آس کان ڀڄڻ

١. اِنسان خواه اُپايلن شين تي ڀاڙي نہ ويهجي، پر مالڪ جي ڪرپا تي ڀروسو رکجي.
٢. ڌن دولت يا ٻيئنل ڪار دوستن تي نہ ڪڏ، پر مالڪ تي توڪل رکہ، جو پاڻ توکي ڏيڻ ٿو گهري.
٣. پنهنجي سونهن يا قابليت تي نہ ڪڏ.
٤. ٻين کان پاڻکي چڱو نہ ڄاڻ ۽ پنهنجي چڱن ڪمن جو فخر نہ ڪر. پاڻکي سڀني کان گهٽ ليکہ.

اُپديش ٧- اجائي گستاخيءَ کان پري رهہ

١. فقط سياڻي ۽ خدا ترس ماڻهوءَ سان صلاح ڪر ۽ پنهنجو حال اور.
٢. ننڍي ٿهيءَ وارن ۽ پرديسين سان گهڻو رستو نہ رکہ ۽ دنيادارن جي خوشامد نہ ڪر. نڪي وڏن ماڻهن وٽ وڃڻ جو خواهن ٿيءُ.

٧. هر ڪنهن خود غرضيءَ کان آجو رهجي.

٨. دل جون خواهشون مارڻ گهرجن.

٩. مالڪ جي مرضيءَ تي هلجي.

اُپديش ٣- دورانديشيءَ سان ڪم ڪرڻ

١. سڀ ڪنهن حرف يا من جي اُڇل تي وسهي نه وڃجي، پر هر ڳالهه تي ويچار ڪجي ته مالڪ کي وڻندي يا نه.

٢. ٻين جا ڳڻ ۽ نه اوڳڻ ڏسجن.

٣. ٻڪواديءَ جي ڳالهه تي جلد وسهي نه وڃجي.

٤. پنهنجي ڪمن ۾ اُپهرائي نه ڪجي ۽ نه پنهنجي راءِ تي هوڏ ٻڌجي.

٥. جيڪي ماڻهن جي واتان ٻڌجي، سو جهٽ وسهي نه وڃجي، يا نڪي اهو ٻين جي اڳيان ظاهر ڪجي.

٦. سياڻي ۽ خدا ترس ماڻهوءَ کان صلاح وٺ ۽ اُن جي راهه تي هل.

اُپديش ۴- پوتر شاسترن جو پڙهڻ

١. سچ جي پيار لڳ پڙهه.

٢. جيڪي چيل هجي تنهن تي ڌيان ڏي.

٣. اجائي سونجهه سونجهه رنڊڪ تي وجهي.

۴. نمرتا ڀاو، سرلائيءَ ۽ صدق سان پڙهه.

٥. چاهه سان پيا ڪر.

٦. سنتن جا واڪ ڪن لائي ٻڌ.

٧. وڏن جي مثالن کان بيزار نه ٿيءُ.

اُپديش ١٠ـ شانتي ۽ آتمڪ اُنتيءَ لاءِ اُتساهه حاصل ڪرڻ

١. جيڪڏهن ٻين جي ڪهڻيءَ ۽ رهڻيءَ، خواه جن ڳالهين سان اسانجو واسطو نه آهي، ان ۾ ٽپي نه پونداسون، ته اسانکي گهڻي اندر جي شانتي ملندي.

٢. ايڪمنون ٿيءُ.

٣. جيڪڏهن ڪل دنيوي خواهشن کان پاڻکي روڪڻ جي ڪوشش ڪبي، ته پنهنجي سموريءَ دل سان پرميشور کي لپٽي، پنهنجي آتما جي اُنتيءَ لاءِ ڌيان ڏيئي سگهبو.

٤. هر ڪنهن اَوگڻ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ روز بروز سڌاري جو اُتساهه هئڻ گهرجي.

٥. جيڪڏهن ايشور جي ڌيان جو مزو چکڻو آهي ۽ سورڳي پدارٿن مان مزو وٺڻو آهي، ته خودي ڪيڻ گهرجي ۽ دنيائي معاملن ۾ گرفتار نه ٿجي. حرص ۽ هوائن، نفساني خواهشن کان آجو هئڻ گهرجي ۽ سنتن جي ڪامل رستي ۾ هلڻ جو اُدم ڪرڻ گهرجي.

٦. جيڪڏهن دلير ٿي نفس سان وڙهبو، ته مالڪ مدد ڪندو.

٧. ڪماليت ۽ ترقي ٻاهرين پوڄا پاٺ تي نه آهي.

٨. پنهنجي خواهشن کي پريندي ئي روڪ.

اُپديش ١١ـ دک ۾ ڪهڙو گڻ آهي

١. تڪليفن ۽ مشڪلاتن مان خبر پوي ٿي پنهنجي عيبن

٣. نهنن ۽ سادي سياءِ وارن، حياءَ وارن ۽ پڇنيڪ ماڻهن جو سنگ ڪر ۽ اهڙي ڳالهه ٻولهه ڪر جنهن مان سيني جو سدارو ٿئي.

٤. ڪنهن به زال سان گهائل مائل نه ٿيءُ. فقط پرميشور ۽ سندس ملائڪن سان گهائل مائل ٿيڻ جو شايق ٿيءُ، ماڻهن جي صحبت کان پري ڀڄ.

٥. صحبت سيني سان رک، پر گستاخ ڪنهن سان نه ٿيءُ.

اُپديش ٨- فرمانبرداري ۽ تابعداري

١. مالڪ جي پيار لڳ، ٻئي جي آگيا ۾ رهڻ، وڏي جي چئي ۾ گذارڻ، پنهنجو پاڻ مالڪ نه ٿيڻ، وڏي ڳالهه آهي ۽ ان ۾ سلامتي آهي.

٢. صلاح ڏيڻ کان ٻين جي صلاح ٻڌڻ ۽ وٺڻ ۾ وڏيڪ سلامتي آهي.

اُپديش ٩- گهڻي ڳالهائڻ کان گوشو ڪرڻ

١. ماڻهن جي بڪواس کان ڀڄ. دنيوي ڳالهين مان آتما کي ڇيهو ٿو رسي.

٢. ٻاهرين تسليءِ اسان جي اندروني ۽ سورڳي سک ۽ شانتيءَ ۾ وڏو ڀنگ ٿي وجهي.

٣. جيڪڏهن ڳالهائڻ جائز ۽ ضروري هجي، ته اهڙيون ڳالهيون ڪر جن، مان ٻين کي فائدو رسي.

٤. اسين پنهنجي زبان کي وس نٿا رکي سگهون، ڇو جو اسين روحاني ترقيءَ لاءِ پرواه نٿا رکون.

٥. روحاني ڳالهيون ڪرڻ مان نيڪي ۽ ترقي ڪرڻ ۾ وڏي مدد ملي ٿي.

تي غالب پئجي سگهون ٿا. پرميسر جي مدد سان تحمل ۽ آهستگي هٿ ڪرڻي آهي.

٧. پريکيا ويرِ ٻئي جي صلاح وٺ. جيڪڏهن ٻيو ڪو به آزمائش ۾ ڏسين، ته ان سان پيار سان هل.

٨. خراب آزمائشون اچڻ تيون من جي ٻچتائي ۽ پرميسر ۾ ٻي ويساهي رکڻ ڪري.

٩. آزمائش جي مدي ۾ ئي هوشيار رهڻ گهرجي، نه ته نحس ويري هري اندر گهڙي ايندو.

١٠. جڏهن آزمائش اچي، ته دل نه هارجي. شؤق ۽ سڪ سان ايشور کي سڏ ڪجي ته ديا پالي اسانکي هر مشڪل ۾ اسانجي مدد ڪري ۽ نمرتا سان پنهنجي آتما مالڪ کي پرتي ڪجي.

١١. وڏي ۾ وڏو گڻ ڪشت سهڻ ۾ آهي. ان جون خوبيون انهيءَ وقت ظاهر ٿيون ٿين.

اُپديش ١٣- اُپري فتويٰ ڏيڻ کان باز رهڻ

١. ٻين بنسبت راءِ ڏيڻ آهي پاڻ کوهڻ، مگر پاڻ تي راءِ ڏيڻ ۽ پنهنجي اندر جاچي ڏسڻ ۾ محنت سجائي ٿي ٿئي.

٢. اسين پوري راءِ ڏيئي نٿا سگهون، جو اسانجي خيالن ۾ ڪنهن شيءِ تي خاص شوق هئڻ جو اثر ٿو ٿئي.

٣. جيڪڏهن مالڪ کي پنهنجي دل جي سچي مراد ڪريون، ته ڪو اسانجي راءِ جي آڏو ايندو، ته وياڪل نه ٿبو.

جي، ۽ سمجھ اچي ٿي تہ اسين ھت ٿورو وقت آھيون ۽ ڪنھن شيء تي ڀروسو نہ رکڻ گھرجي.

٢. بي سبب گلا ٿيڻ ڪري ھيڻائين ٿي سگھجي ۽ ماڻھو سگھڙي ھت ڪان بازٿو اچي ۽ ماڻھن جي اُلٽي روش ڏسي، ماڻھو پنھنجي ايشور ڏي سگھو ٿو وري.

٣. جڏھن ڪنھن چڱي نيت واري شخص کي تڪليف ٿي اچي، تڏھن ھنکي خبر پوي ٿي تہ ڪيس پرميشور جي ڪيتري نہ درڪار آھي.

٤. پوري سلامتي ۽ پورو سک ھن دنيا ۾ ملڻ جو نہ آھي.

اُپديش ١٢- آزمائشن کي منھن ڏيڻ

١. اِنسان جي حياتي ھڪ پريکيا يا آزمائش آھي. انھن کان آجا ٿي ڪونہ سگھنداسون.

٢. آزمائش وير ھرڪنھن کي پھري سجاڳ رھڻ گھرجي تہ متان شيطان ڪيس ڏتاري نہ ڇڏي.

٣. جيڪو آزمائش سھي نہ سگھندو، سو بگڙي پٽت ٿي پوندو.

٤. آزمائش ڪري ھت ٿو پجي، شڌ ٿو ٿجي، سبق ٿو پرائجي.

٥. اسانجو سڀاء جائي جم کان ئي بڇڙائيء ڏي مائل آھي. اُنجي جڙ اسان ۾ آھي، انھيء ڪري آزمائش اچي ٿي.

٦. فقط ڌيرج ۽ سچي نھنائيء سان اسين پنھنجي وارين

تون صبر سکندين، جو تمام ضروري لڇڻ آهي. جي نه سهي سگهين، ته مالڪ کي عرض ڪر ته توکي مدد ڪري، ته تون اُهي صبر سان سهي سگهين.

٢. جيڪڏهن ڪو شخص هڪ ٻن گهمرن سمجهائڻ سان باز نه اچي، ته مالڪ تي ڇڏي ڏجي.

٣. ٻين جا اَوگڻ ڪهڙا به هجن اُهي صبر سان سهي وڃ، ڇو جو تو ۾ ڪيترا عيب آهن، جي ٻين کي سهڻا ٿا پون.

٤. جيڪڏهن تون پاڻکي نٿو سڌاري سگهين، ته پوءِ ٻين کي ڪيئن سڌاري سگهندين.

٥. عيبن کان ڪو به آجو ڪونه آهي، تڪليفن کان ڪو به خالي ڪونه آهي. ان ڪري هڪ ٻئي جي پنيرائي ڪرڻ، هڪ ٻئي کي ڏڍ ڏيڻ، واهر ڪرڻ، صلاح ڏيڻ ۽ جهڻڪڻ ضرور آهي.

اُپديش ١٦- مئدارين جي رهڻي

١. جيڪڏهن ٻين سان صلح ۽ سلوڪ ۾ گذارڻ ٿو چاهين، ته گهڻيئين ڳالهيئين پاڻ جيتڻ سک.

٢. سچو سنياسي اهو آهي جو پنهنجي رهڻي ڦيري ٿو ۽ پنهنجي حرص هوائن کي پوري طرح جيتي ٿو.

٣. جي دک ۽ تڪليف کان ڇٽڻ ٿو چاهين، ته فقط مالڪ، ته آتما جي مڪتيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه طلب.

٤. جيڪڏهن سنگت ۾ شانتيءَ ۾ گذارڻ ٿو چاهين،

۴. ڪهڙي عادت مشڪل سان مٽبي آهي.

۵. پرميشور چاهي ٿو ته اسين پوري طرح سندس تابع رهون ۽ اُتساهه پُري محبت سان عقل جي حد کان ٻاهر چڙهي وڃون.

اُپديش ۱۴- ڪم جي محبت وچان ٿا ڪجن

۱. ڪنهن به حالت ۾ برائي ڪرڻ روا نه آهي، پر جيڪڏهن ڪنهن کي به فائدو رسڻو هجي، ته چڱو ڪم ڇڏي ڏجي، يا انکان ٻيو وڌيڪ سٺو ڪم ڪجي.

۲. ڪهڙو به خسيس يا گهٽ ڪم مالڪ جي پيار لڳ، ڪبو، ته اهو سمورو ڦلدائڪ ٿيو پوي. جهجهو اهو ٿو ڪري، جنهنجي مالڪ سان جهجهي محبت آهي ۽ چڱيءَ طرح ٿو ڪري يعني پنهنجي مطلب لاءِ نه، پر عام فائدي لاءِ.

۳. جنهن ۾ سچي ۽ پوري محبت آهي، سو ڪنهن به شيءِ ۾ پنهنجو مطلب ڪونه ٿو ڳولي، پر چاهي ٿو ته سڀ مالڪ جي وڏائيءَ لاءِ ٿئي. هو ڪنهن سان ايرکا نٿو رکي، ڇاڪاڻ جو پنهنجو پرم سک مالڪ ۾ ٿو ڳولي ۽ پروڙيندو ته ڪل دنيوي شيون ڪوڙ جو مثلو ڪوڙ آهن.

اُپديش ۱۵- ٻين جا عيب سهي وڃڻ

۱. جيڪي عيب ماڻهو پاڻ ۾ يا ٻين ۾ سڌاري نه سگهي، گهرجيس ته اهي صبر سان سهي، جيستائين مالڪ اُنجو ٻيو بندوبست ڪري. ائين ڪرڻ سان

ٻاهر ڏسڻ ۾ اچن، گهٽ ۾ گهٽ، ان ڪان وڌيڪ ڏسڻ ۾ نه اچن.

۲. پنهنجو ارادو روز نئين سر پڪو ڪرڻ گهرجي. ايشور جي مدد گهرڻ گهرجي ته پنهنجي ارادي ۾ پڪو رهون.

۳. جيڪڏهن پنهنجا خاص ارادا ڇڏي ڏباءِ پوءِ پاڻ ۾ ٿوري ئي غفلت ڪبي، ته اسانجي ترقيءَ ۾ ڪجهه نقصان ٿيندو ئي ٿيندو، بشرطيڪ اها غفلت ڪنهن چڱي ڪم خاطر يا ٻئي ماڻهوءَ جي فائدي لاءِ نه آهي ۽ معمولي آهي.

۴. صبوح جو چڱو ارادو ڪر، شام جو پنهنجو چال چلڻ جاچي ڏس ته ڏينهن جو منين، وچنين، ڪرمين ڪيئن هليو آهين.

۵. شيطان جي جلهين کي روڪڻ لاءِ ماڻهو تي ڪم ڪش ۽ هيچ کي روڪ، ته جسم جي خراب خواهش تي آسانيءَ سان سوڀ پائيندين.

۶. ڪڏهن ٻه بيڪار نه رهه. بدني محنت جي استعمال ۾ عقل ۽ ويچار سان هل. سيني کي هڪ جهڙا ڪشالا ڪرڻا نه آهن.

۷. جيڪي پاڻ پوڄائون سنگت لاءِ نهرايل نه آهن، سي ٻين جي اڳيان نه ڪر.

۸. گهڻي سڪ سان سنتن ڪان دعائون گهرڻ ڪپن.

۹. اسانجي محنت جي ٻاڙي ملڻ ۾ دير هجي، ته

تہ نيچ ۾ نيچ سمجھڻ ۽ ٻين جي تابع ٿي رھڻ جو
اُدم ڪر.

٥. توکي پرميسر گھرايو آھي دکن لاءِ ۽ ڪشالن ڪيڻ
لاءِ ۽ نہ سستي يا آرڪمن لاءِ.

٦. ھتي اھو رھي نہ سگھندو، جو مالڪ لڳہ سموري
دل سان ھيٺائين نہ ونندو.

اُپديش ١٧- سريشٽ ودوانن جا مثال

١. سريشٽ ودوانن جي رھڻيءَ سان پنھنجي رھڻيءَ
جي ڀيٽ ڪر تہ توکي خبر پوندي تہ تو ۾ ڪيتريون
گھٽتايون آھن. اھڙا ودوان بک، اُڃ، ٿڌ، ننگائي،
پورھيو، ٿڪ، اوجاڳا، فاقا ڪيڻ ۽ نرادرن سھندي
ٻہ پرارٿنا ۽ پوتر ڌيان ۾ رھيا ۽ ڪٺن پرھيزگاريءَ
۾ ٿي رھيا. روحاني ترقيءَ لاءِ اُتساھ ۽ اُدم ھون.
ھت ھاج ۾ ھون پر دل يار سان ھئن. پاڻکي نيچ
ڄاڻندا ھئا. نھٺائيءَ ۾ ثابت قدم ھئا. محبت ۽
ڌيرج سان ھليا چليا ٿي. پنھنجي وڏي جي حڪم
ھيٺ اُدب ۽ آگيا سان ھلندا ھئا.

٢. شل اسان مان نيڪي ۽ ترقي ڪرڻ جي سڪ مري
نہ وڃي ۽ ٻين اڳين بزرگن جي قدمن تي ھلڻ جي
ڪوشش ڪريون.

اُپديش ١٨- چڱي سنياسيءَ جو ھوڃا ڀاڻ

١. ڀڳتن کي گھرجي تہ جھڙا اندر آھن تھڙا کان گھٽ

اوترو خلوت ۾ گذار، لڙڪن جو درياه وهاءِ. انهن ڪرڻ سان ايشور سان گهائل مائل ٿيندو وڃبو.

٧. پنهنجن واقفڪارن ۽ دوستن کان پري رهندين، ته مالڪ تو وٽ ملائڪن سميت تنهنجي اوڏو ايندو.

٨. سنياسي ورلي ٻاهر نڪري، ٻاڻ نه ڏيکاري، نڪي ٻين جي ڏسڻ جو چاه رکي.

٩. نين نين ڳالهين ٻڌڻ سان دل جي بيقراري پرائجي ٿي.

اُپديش ٢٠- دل جو پڇتاءُ

١. دل جي پڇتاءَ ڪري ڪئين خزانا کليو پون ٿا، جي سفلائيءَ جي هلت ڪري جهٽ گم ٿيو وڃن. ڌن آهي اهو شخص، جو سڀ منجهائيندڙ رنڊڪون دور ڪري، ايڪانت ۾ پوتر پڇتاءُ کي لڳو رهي ٿو.

٢. ٻين ماڻهن جي معاملن ۾ ٽپي نه پؤ. وڏن ماڻهن جي ڌندن ۾ پاڻکي نه اَڙاءِ. هن دنيا جو بيهودو ۽ ٻاهريون سک اصل ڇڏي ڏي.

٣. اسانجي دل جو موه اجا انهن شين سان آهي، جي اسانجي حواسن جي خوشامد ٿيون ڪن، انهن کي ڪيڏڻ گهرجي.

٤. همت ڇڏڻ نه گهرجي.

اُپديش ٢١- اِنساني دک جو ويچار

١. جي مالڪ ڏانهن نه ڦرندين، ته دک بنا ٻيو کي به حاصل ڪين ٿيندءِ.

سمجهڻ گهرجي ته اسين اڃا پوريءَ طرح تيار ڪونه آهيون. انهيءَ ڪري پاڻکي تيار ڪرڻ جو چڱو اُدم ڪرڻ کپي.

١٠. جڏهن ڏٺي ايندو، جيڪڏهن پنهنجي نوڪر کي پهري سڄاڳ ڏسندو، ته هو هنکي پنهنجي سموري ملڪيت مٿان ڪري رکندو.

اُپديش ١٩- ايڪانت ۽ مان سان دل

١. ڪا خاصي مهل وٺي پنهنجي اندر ۾ اڪيلو ٿيءُ ۽ پرميشور جي پلاين جو ويچار ڪر.

٢. اهڙيون ڳالهيون پڙهه، جن مان پڇتاءُ جاڳي.

٣. وڏا سنت جيترو ٿي سگهندو هون، اوترو ماڻهن جي سنگ کان گوشو ڪندا هئا. هڪ ائين فرمايو ته جيترا گهمرا منهنجو ماڻهن ۾ وڃڻ ٿيو آهي، اوترا گهمرا گهٽ اِنسان ٿي گهر موٽيو آهيان.

۴. مان ۾ رهڻ وقت، خطا نه ڪرڻ سولي آهي.

۵. سنت جيتوڻيڪ گهڻا گڻن وارا آهن ۽ ڪرپا سان ڀرپور آهن، ته به اندر ۾ ڏاڍو ڍ جندڙ ۽ نهنا آهن.

٦. جيڪڏهن اندر جو سک ٿو چاهين، ته دنيائي خوشين پٺيان نه ڊوڙ، دنيا جي ڏندن ۾ پاڻکي نه اَڙاءِ، اجائي بڪوات نه ڪر، فقط ايشوري پدارٿن ۽ پنهنجي مکتيءَ جو ڌيان رکه. سمورو ڀروسو مالڪ تي رکه، دلي پڇتاءُ ڪر، جيترو ٿي سگهي

٢. موت کان ڊڄجي، انکان بهتر آهي تہ گناہ ڪرڻ
کان ڊڄجي.
٣. دنيا کان پوري طرح نفرت ڪرڻ، نيڪي ۽ سداري
جي گهڻي سڪ رکڻ، خدا ڀلي سان دل لائڻ، پڇتاءَ
لاءِ اُدم ڪرڻ، آڳيا مڃڻ لاءِ تيار رهڻ، خود اِنڪاري،
کهڙو ۽ ڏک ڏيرج سان سهي وڃڻ، انهن ڳالهين
ڪرڻ مان دل کي وڏي تقويت ايندي ۽ اسانجو
موت سکيو ٿيندو.
۴. بيماريءَ ۾ ڪي ٿورا سڌرن ٿا. جيڪي گهڻو سفر
ڪن ٿا، سي پوتر ٿا ۾ ترقي نٿا ڪن.
٥. اهڙيءَ طرح حياتيءَ جا ڏينهن گذارڻ جي ڪر،
جو مرڻ ويلي ڊڄڻ جي بدران سرهو ٿين.
٦. جيڪا ڀلائي ڪري سگهين، سا هينئر ڪر، ڇو جو
خبر ڪانهي تہ ڪڏهن مرندين.
٧. دنيا ۾ پرديسي ۽ مسافر وانگر رهہ، ڇڻ تہ تنهنجو
دنيا جي ڌندن سان ڪو واسطو ئي ڪونهي.
٨. پنهنجي دل آزاد ۽ مالڪ ڏي تاڻيل رکہ.
٩. جيڪڏهن پنهنجون پرارٿنائون ۽ آهون ۽ لڙڪ مالڪ
ڏانهن موڪليندين، تہ مرڻ کانپوءِ تنهنجي آتما پريوءَ
وٽ خوشيءَ سان وڃڻ جي لائق ٿيندين.

اُپديش ٢٣- پاپن ۽ گناهن جي سزا

١. مڙيئي ڳالهين ۾ پنهنجي آخرت کي ياد رکندو آءِ،

٢. جيڪڏهن ڪجهه به تنهنجي خواهش يا مرضيءَ
موجب نٿو ٿئي، ته توکي وياڪل نه ٿيڻ گهرجي.
٣. دنيوي خزانا ڪين جهڙا آهن؛ جنهن وٽ آهن سو
هردم فڪرات ۽ ڊپ ۾ گرفتار آهي.
٤. طالبن جي لاءِ، دنيا جي احتياجن جي وس رهڻ،
وڏو آزار آهي. انهيءَ حالت ۾ انهن کي سوال
ڪرڻو پوي ٿو ته "هي مالڪ! منهنجي دنيا جي
احتياجن کان مونکي ڇڏاءِ."
٥. طالبن کي جسم کي وڻندڙ شين ۽ هن حياتيءَ جي
آڏمبر جي پرواه رکڻي نه آهي.
٦. روحاني ترقي ٿيڻ بنسبت ڪڏهن به اُميد نه لاهجي.
پڳتيءَ جو نيڪ ارادو يڪدم شروع ڪرڻ گهرجي.
پوئتي نه وجهجي.
٧. جڏهن محسوس ڪرين ته تنهنجو حال اَبتر آهي،
اهائي ويل اٿيئي ثواب ڪٽڻ جي.
٨. گناه ڪرڻ ڪري، پنهنجي معصوميت کوهي وينا
آهيون. ان ڪري سچي سک پائڻ لاءِ آسائش ۽
آرام کي ڇڏي ڏي، ڌيرجوان ٿي، مالڪ جي مهر
جو آسروند ٿي، هيٺائين هل، نڪي ٿڪج، نڪي
ماندو ٿيءُ.

اُپديش ٣٢- مؤت جو ويچار

١. آئينده جي ڳڻتي رکڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح ويچار
رک، جو ڄاڻ ته اڄهو ٿو مران.

روحاني ٿيڻ لاءِ ۽ مالڪ جي لاءِ ئي جيئڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهي. نيڪيءَ ۾ ترقي ڪرڻ جو سعيو ڪندو رهندين، ته توکي محنت جو ڦاڙو جلد ملندو ۽ هميشه واري خوشي حاصل ٿيندءِ.

٢. جي ڀلائي ڪرڻ ۾ پختو ۽ سرگرم رهندو ايندين، ته مالڪ ڀاڙن ڏيڻ ۾ توسان سچو ٿيندو ۽ هٿ ڇوٽ رکندو.

٣. سوڀ ڪٺڻ جي توکي خاصي اُميد هئڻ گهرجي، پر متان ايشور جو ڊپ ڇڏي ڏين، سست ٿين، يا هٿ ۾ ڀرجي وڃين.

٤. جيڪڏهن سمورو مالڪ جي مرضيءَ تي ڇڏبو ته جهٽ تسلي ۽ ڏي اچي ويندا ۽ ڪنهن به ڳالهه جو انتظار نه رهندو.

٥. جيترو قدر ڪو شخص پاڻ جيتي ٿو ۽ اندروني طور پاڻ ماري ٿو، اوترو قدر وري زياده ترقي ٿو ڪري ۽ جهجهي ڪرپا ملڻ جو پاڻ کي لائق ٿو ڪري.

٦. هيٺين ڳالهين مان ترقي ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي:-

i. جنهن خراب ڳالهه ڏانهن لاڙو هجي، انڪان زبردستيءَ سان ڇنائجي.

ii. جنهن گڻ جي پاڻ ۾ اوڻائي هجي، انجي پرائڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪجي.

جو سخت نياءُ ڪندڙ اڳيان، جنهن کان ڪجهه ڳجهو نه آهي، انجي سامهون ٿيڻو آهي.

٢. هيئنر تنهنجو پورهيو ثاب پوندو، تنهنجا لڙڪ قبول پوندا، تنهنجون آهون اُنائڻ ۾ ايندي يون، تنهنجي افسوس ۽ پڇتاءَ تي مالڪ راضي ٿيندو، آتما صاف ٿي پوندي.

٣. گهڻو ڌيرج سگهه جو ان ۾ وڏو وجهه ملي ٿو. ڌيرجوان ٻئي ۾ بدنيتي ڏسي، هن جي گهٽتائي ڏسي، اُرمان ٿو ڪري، باخوشيءَ پنهنجي دشمن لاءِ دعا ٿو گهري، انهيءَ جو قصور سچي دل سان معاف ٿو ڪري، اڳلي کان معافي گهرڻ ۾ ويرم نٿو ڪري، پاڻ سان اڪثر سختي ٿو ڪري ۽ جسم کي سموروئي روح جي تابع ڪرڻ لاءِ اُدم ٿو ڪري.

٤. هيئنر هلڪين تڪليفن سهڻ تي پاڻ هيرن، ته پوءِ ڳرين تڪليفن کان بچي پوندين.

٥. مالڪ سان پريت رکڻ ۽ فقط سندس ئي چاڪري ڪرڻ کانسواءِ ٻيو سڀ بلڪل ڪوڙ آهي. پورن پريم ڪري ماڻهو مالڪ وٽ چوٽ وڃي سگهي ٿو.

٦. جنهنکي ڌڻيءَ جو خوف نه آهي، سو نيڪيءَ ۾ ثابت قدم رهي نه سگهندو ۽ جهٽ شيطان جي قندي ۾ ڦاسي پوندو.

اُپديش ٢٤- پنهنجي سچي حياتيءَ جو سڌارو

١. مالڪ جي خدمت ۾ هوشياري ۽ اُدم ڪندو رهه،

٣. جيڪڏهن ٻيا اسانجا عيب ڏسي اسانکي ٽوڪين ٿا، ته ان مان اسانکي نهٺائي حاصل ٿيندي، تنهن ڪري رنج نه ٿيءُ.

٤. نهٺي ٿيڻ مان فائدا:-

i. مالڪ رکيا ٿو ڪري. ii. پيار ٿو ڪري. iii. ڏڍ ٿو ڏئي. iv. جهجهي ڪرپا ٿو ڪري. v. گهٽتائي کانپوءِ چاڙهي وڏائي ٿو ڏئي. vi. پنهنجو ڀيد ٿو سلي. vii. پيار سان ٻار ڏانهن جهڪي ٿو ۽ ٻار وٽ ڪوني ٿو وهاري.

اُپديش ٢٦- نيڪ ۽ صلح پسند ماڻهو

١. پهريائين ٻار کي صلح ۽ سانت ۾ رک، ته پوءِ ٻين کي صلح سانت ۾ آڻي سگهندين.

٢. جهڳڙالو ماڻهو چڱي ڳالهه مان به اُبتو مطلب ڪڍندو ۽ جهٽ بري ڳالهه وسهي ويندو. جيڪي نه چوڻ کپيس، سو چئي ڏيندو؛ جيڪي ڪرڻ وڏيڪ سهائيس سو پليو وڃي. ٻين کي جيڪي ڪرڻ کپي، تنهنجو خوب خيال رکي ٿو، جيڪي کيس ڪرڻو آهي سو وساريو ڇڏي. ٻار کي ڏوهه ڏي ۽ پنهنجي پاڻ کي معاف ڪر. جي پائين ته ٻيا تنهنجي سهن، ته تون به ٻين جي سهه.

٣. سچي محبت ۽ نهٺائيءَ وارو ماڻهو ٻار کانسواءِ ٻئي تي ڪڏهن به خفي نٿو ٿئي، يا ڪاوڙجي ٿو.

٤. نهايت ساراه جوڳي ڳالهه آهي، سخت هونديءَ،

iii. جيڪا ڳالھ ٻين ۾ توکي نٿي وڻي، انکان ملاحظو ڪر ۽ انکي جيترو جو اُدم ڪر.

٧. جن ڳالھين سان پنھنجو واسطو ڪونہ آھي، انھن سان پاڻ نہ اَڙائجي.

٨. شل ھميشہ پرميسر کي پنھنجي دل ۽ زبان سان پيا واکاڻيون.

٩. پرميشور مان پورن رس تڏھن ايندو، جڏھن ڪنھن بہ اُپايل شيءِ کان تسلي نہ طلبي. ان حالت ۾ ڇا بہ ٿي پوندو، تہ صابر ۽ شاڪر رھي سگھبو.

١٠. ھردم ياد رک، تہ تنھنجي منزل مقصد کھڙي آھي ۽ وِيلُ وقت موٽي ھٿ نہ ايندو.

١١. جي ڪوشش ڪندو ايندين، تہ مالڪ جي مھر سان اندر جو سک پائيندين ۽ نيڪيءَ سان دل لڳندي.

١٢. جيڪڏھن ننڍن ننڍن عيبن کان پري نہ رھبو، تہ آھستي آھستي وڃي وڏن عيبن ۾ پئبو.

١٣. جيتري قدر پاڻ سان سختي ڪندين، اوتري قدر زياده ترقي ڪندين.

اُپديش ٢٥- نمرتا پري تابعداري

١. ڪير تنھنجي پاسي آھي ۽ ڪير برخلاف آھي، انھيءَ ڳالھ جو خيال نہ رک، پر پنھنجو ويڪ صاف رکيئہ، تہ مالڪ تنھنجي رکيا ڪندو.

٢. جي صبر سان ڏک سھي وٺين، تہ پڪ مالڪ تنھنجي مدد ڪندو.

٣. ٻين جي ڳڻتين کان اول پنهنجي سڌاري جي ڳڻتي ڪر ۽ اُدم ڪري پاڻ تي سجاڳ ٿي.
٤. ٻين جي ڏنڌن بنسبت زبان بند رک ۽ پاڻ تي چاري رهه.
٥. پرميشور ڏي ۽ پاڻ ڏي سچوئي ڌيان ڏي.
٦. دنيا جي هرڪنهن چنتا کان پاڻکي آجو رک ۽ ڪنهن به دنيوي شيءِ کي متي ڪري نه ليک.
٧. مالڪ خواه جيڪي وڌائس ٿو اچي، تنهن بنا ٻي ڪنهن به شيءِ کي وڏو، اوچو، وڻندڙ يا دلپسند ڪري نه ڄاڻ.
٨. پرميسر آهي آنادي ۽ آننت ۽ سرو سمائيندڙ، دل جو دلاسو ۽ روح جي راحت.

اُپديش ٢٩- چڱي وويڪ جي سرهائي

١. چڱي وويڪ وارو هميشه سرهو هوندو ۽ ٻڇڙي وويڪ واري کي هردم ادڪو ۽ بي آرامي هوندي.
٢. بدڪارن متان ڌڪيءَ جو غضب اوچتو اچي ڪڙڪندو. سندن سڀ ڪم نيست و نابود ۽ سندن وهم ويچار چٽ ٿي ويندا.
٣. جنهن ۾ پرپيم جو انگ آهي، ان جي لاءِ نڪ وير خوش ٿيڻ ڏکيو نه آهي.
٤. جنهنکي دنيا جي وڏائيءَ جي طلب آهي، ان مان سمجهو ته هنکي سورڳي وڏائيءَ جي لوڙ ڪانه آهي.
٥. جي مالڪ سان سچو رهندين، ته توکي اُستت يا نندا

اَڻ گهريل ۽ اسان کي رد قد ڏيندڙ سان سلوڪ ۾ گذارڻ.

٥. هن دکي حياتيءَ ۾ سختين کان آجي رهڻ بدران نمرتا سان تڪليف سهڻ ۾ ئي اسانجي سک سلامتي آهي.

اُپديش ٢٧- صاف دل ۽ سچي نيت

١. سرلائي ۽ پوترتا هوندي، ته ماڻهو دنيوي شين کان مٿي چڙهي سگهيتو يعني نيت سچي ۽ پوترتا پيار ۾.

٢. جي اندر ۾ بيحد موه نه رکندين، ته ڪنهن به چڱي ڪم ڪري توکي رنڊڪ ڪانه ٿيندي.

٣. جيڪڏهن مالڪ جي مرضيءَ ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ جي نفعي کانسواءِ ٻي شيءِ نه گهرندين، ته اندروني آزادگيءَ جو مزو ماڻيندين.

٤. هرڪا اُپايل شيءِ پرميسر جي ڀلائي ظاهر ٿي ڪري.

٥. جو شخص سمورو مالڪ جي طرف رجوع آهي، ۽ جو ٺڏو ٿيڻ ٿو لڳي، اهو هن مان معلوم ڪبو، جو ڀهرئين کان سستي جدائي ٿي وڃي ۽ ڦري نئون ماڻهو ٿيو پوي ۽ جي ڳالهيون ڪيس مشڪل ٿي لڳيون تنکي ليکيندو به ڪين ۽ ٻيو، محنت کان ونءِ پيو ويندو ۽ ٻاهريون سک ۽ آرام به هٿ پائي ونندو.

اُپديش ٢٨- پنهنجو پاڻ سوڃڻ

١. پاڻ تي گهڻو ڀروسو رکڻ نه گهرجي.

٢. پنهنجا عيب چڱيءَ طرح جاچڻ گهرجن.

ڪرپا ڇڏائي ٿي وڃي، تہ ڪنھن بہ ڳالھہ مان رس نہ ايندو. اھڙي مھل صبر ڪرڻ ۽ مالڪ جي مرضيءَ پٺاندڙ پاڻ تياڳڻ خاصي ۾ خاصو علاج آھي.

٦. ڪھڙو بہ سنت نہ ھوندو، جنھن وٽان بعضي ڪرپا ھلي نہ وئي ھوندي، يا جنھنجو اُتساھ جھڪو نہ ٿيو ھوندو.

٧. ڪو بہ شخص جنھن مالڪ لڳہ ڪا نہ ڪا تڪليف نہ ڏٺي ھوندي، سو ايشور جي اُتم ڏيان ۾ لڳہ ٿيڻ جو لائق ڪونہ آھي، ڇو تہ آزمائش پنيان ھميشہ تسلي اچي ٿي، جو مالڪ فرمائي ٿو، تہ جيڪو جيتيندو تنھنکي حياتيءَ جي درخت مان کائڻ لاءِ ڏيندس. ايشوري تسلي ملي ٿي تہ ماڻھو ڏکہ سھڻ لاءِ پڪو ٿئي. انجي پنيان وري جا آزمائش ٿي اچي، سا انھيءَ لاءِ، تہ جا ڀلائي ٿئي تنھن ڪري ھٺ ۾ نہ پرجي وڃي.

٨. نفس اڃا مري ڪونہ ويو آھي، تنھنڪري پاڻکي ھميشہ جنگہ لاءِ تيار رکہ.

اُپديش ٣١- ايشوري ڪرپا لاءِ شڪرگذار ٿيڻ

١. تون محنت لاءِ پيدا ٿيو آھين، انھيءَ ڪري آرام نہ طلب، صبر سکہ.

٢. آتمڪ تسليءَ ۽ خوشيءَ لاءِ ڪوشش ڪر. اھا خوشي تمام وڻندڙ آھي جا ڦٽي ٿي نيڪيءَ مان ۽ مالڪ پوتر دلين ۾ اوتي ٿو. پر اھا ھميشہ لاءِ نٿي ماڻي

جي پرواھ نہ رھندي، شاڪر ۽ سکي رھڻ آسان ٿيندو، ساراھ يا گلا جو خيال ڪونہ ٿيندو، جو جھڙو آھين تھڙوئي آھين. مالڪ ڏسي ٿو دل ۽ نيت کي.

٦. نھنو ماڻھو هميشه ڀلائي ڪندو رھندو، پر پاڻکي ليکيندو گھٽ.

اُپديش ٣٠- سڀ تسلي تياڳڻ

١. نھايت وڏي ڳالھ ڇئبي، جو ماڻھو اِنساني توڙي ايشوري تسلي ڇڏي ڏيڻ جھڙو ٿئي. بنا ڪيبائڻ دل جي اُداسائي سھي وڃڻ لاءِ راضي ٿئي، ڪنھن بہ ڳالھ ۾ پاڻ نہ ڳولي ۽ نہ پنھنجي لياقت جو خيال رکي.

٢. ڪو گھرو ۽ پيارو دوست ھجيئي، تہ اُنکان ايشور پيار لڳہ جدا ٿيڻ سکہ.

٣. ڳچ مدت تائين پاڻ سان جنگہ جوٽڻ ڪانسواءِ، ماڻھو پوريءَ طرح پاڻکي جيتي نہ سگھندو ۽ سموري دل پرميسر سان لڳائي نہ سگھندو.

٤. جڏھن پرميسر آتمڪ تسلي بخشي ٿو، سمجھي ڇڏ، تہ اھا سندس ڏات آھي ۽ نہ تنھنجو حق. پاڻ انھيءَ ڏات ڪري نھنو ٿيءُ، پنھنجن مڙيئي ڪمن ڪارين ۾ سچيت ۽ ڪنبندو رھہ، ڇو تہ اھا گھڙي ھلي ويندي ۽ پريکيا اچي سھرندي. جيڪڏھن تسلي ھلي وڃي، تہ اُميد لاھي نہ ويھہ پر نمرتا ۽ صبر سان ايشوري درشن لاءِ آسائتو رھہ. جڏھن

بدرڻ لاءِ شايق ٿيڻ گهرجي ۽ نفساني خواهشن کي روڪڻ گهرجي.

٢. عجب جي ڳالهه آهي ته اِنسان دنيا جي بي بقا ۽ خسيس شين جو چاهه ٿو رکي، پر ايشور، جو عمدين ۽ پاروهي جتاءُ کندڙ شين جو دلاسو ٿو ڏئي، انهيءَ بدرڻ لاءِ دل سست ٿي رهي. اهو فائدو ڪڏهن به بدلجڻ جو نه آهي، اهو انعام جنهنجو ملهه ئي ڪونه آهي. اها عزت جا اوچي ۾ اوچي آهي، اُها وڏائي جا ڪڏهن پوري ٿيڻ جي نه آهي تنهن لاءِ ذري دقت سهڻ پرو ٿو لڳين. ايشور جو دلاسو ڪنهن کي ٺڳڻ وارو نه آهي ۽ ڪي جنهنجو منجهس صدق آهي تنهنکي هٿين خالي ڪيندو، بشرطيڪ ماڻهو مالڪ سان پريت رکڻ ۾ تور تائين سچو رهي.

٣. جيڪي ايشور جا وچن آهن انهن تي چڱي طرح غور ڪرڻ گهرجي جو اُهي پريکيا وير ڪتب اچن ٿا. پڙهڻ مهل جيڪي سمجهه ۾ ٿيو اچي سو جڏهن اؤکي گهڙي مٿان ايندي تڏهن پروڙ بو.

٤. ايشور پڳتن کي ڏيکاري ڏئي ٿو پريکيا ۽ تسلي ۽ دلاسي ڏيڻ سان انهن کي روز به سبق پاڙهيندو آهي: (١) سندن خطائن لاءِ ٽوڪڻ سان (٢) نيڪيءَ ۾ واڌاري ڪرڻ جي سمجهاڻي ڏيڻ سان.

سگهجي. جو تہ آزمائش ڪنهن بہ وقت اچي سگهيٿي.

٣. دل جي ڪوڙي آزادگيءَ ۽ پاڻ تي حد کان ٻاهر ڀروسي رکڻ ڪري ايشوري برڪتن ۾ رنڊڪ پويٿي.

٤. ڪرپا اها ڀلي آهي، جنهن ڪري ماڻهو هردم نهٺو ٿي ٻڌپ ۾ رهندو اچي ۽ پاڻ تياڳڻ لاءِ وقت تيار ٿيندو وڃي.

٥. سڀ کان هيٺين جاءِ پسند ڪر تہ اوچي ۾ اوچي جاءِ ملينئي.

٦. ٿوري ۾ ٿوري ڀلائيءَ لاءِ شڪرگذار ٿي تہ وڏيون نعمتون پائڻ جو لائق ٿين.

٧. ڪابہ شيءِ گهٽ ڪري نہ ڄاڻ ڇاڪاڻ جو اها اوچي ٿي اوچي مالڪ جي ڏنل آهي.

اُپديش ٣٢- اندروني تسليءَ بابت

١. ٻاهرين شين ڏي پنهنجون اکيون بند رکہ ۽ اندرين شين ڏي ڪليل رکہ.

٢. ڪوشش ڪر جئن مالڪ ۾ سمورو رتو رهين ۽ هرڪنهن دنيوي رنڊڪ کان پاڻ کي آجو ڪر ۽ حواسن کي ڏر دروازا ڏيئي ڇڏ ۽ ايشور کي پنهنجي مکتي، پنهنجو آنند ۽ پنهنجو جياپو ڪري سمجهہ.

اُپديش ٣٣- پرميسر جا وچن نمرتا سان ٻڌجن، پر گهڻا ويچائين ٿا

١. پرميسر جي ڳالهين ٻڌڻ لاءِ ۽ نہ دنيا جي ڳالهين

ويچار ڪر ۽ ڪڏهن پاڻکي وڏي وت ڪري نہ
ڄاڻ جو تون سڄ ٻج گنهگار آهين ۽ حرص هوائن
جو غلام آهين ۽ تنهنجو لاڙو هردم ناسونت ڳالهين
ڏي آهي. جهت ٻهيو ڀرين. ذري ۾ جيتجو
وڃين، يڪدم ور ڇيو وڃين ۽ دل هاريو ويهين.
انهيءَ ڪري هينائين‌ءَ سان هل.

۴. ڪنهن بہ شيءَ کان اينرو ونءُ نہ وڃجي جيترو
پنهنجي مداين ۽ اُپراڌن کان. ٻي کهڙي بہ نقصان
لاءِ اينرو اُرمان نہ کاءُ جيترو انهن لاءِ.

۵. ڪيترا هنيلا ۽ اجائي حرص وارا ماڻهو مالڪ جي
اڳيان سچي نيت سان نتا هلن. اُتلندو مالڪ جي
ڳجهن ڄاڻڻ، پيدن سمجهڻ جي خواهش تا ڪن ۽
پاڻکي خواه پنهنجي مڪتيءَ کي وساري تا ڇڏين.
اهڙا ماڻهو وڃيو ڳرين پريکيائن ۽ گناهن ۾ پون.

۶. ڪڏهن بہ خيال نہ ڪر تہ پلي مالڪ توکان امتحان
وٺي. اُتلندو پنهنجا اُپراڌ ڳولي ڪڍ تہ ڪيتري
پرڪارين خطا ڪئي اٿيئي ۽ ڪيتري ڀلائي ڪرڻ
کان غافل رهيو آهين.

۷. فقط اُها ڀڳتي مالڪ وٽ قبول آهي جيڪا دل
سان ڪجي ٿي.

۸. اندر جي سوجهي سڪ، واسنائون شڌ رکہ بقاءُ ڪند ڙ
شين لاءِ سدائين سڪ ۽ دنيوي ڳالهيون نہ ٻڌ.

اُپديش ٣٤- پرارٿنا: ڀڳتيءَ سندي ڪرپا ملڻ لاءِ

١. پريو ۽ انسان،

پريو: انسان لاءِ سڀ نعمت، پلو، نيائي، پوتر، سڀ ڪجهه ڪري سگهڻ وارو، سيني شين جو داتا، سيني شين ۾ سمايل آهي.

انسان: مسڪين، داس، ڪين ڄاڻو ڪيئون، ڪنگال ۽ ڪميڻو، ڪي ڪين اٿس، نڪي ڪجهه ڪري سگهي ٿو.

٢. پريوءَ جي ديا ۽ ڪرپا ڪانسواءِ هن دکي حياتيءَ جو بار نه کڻي سگهبو.

٣. هي پريو مونکان منهن نه موڙ. هن گهڙيءَ درسن ڏي، پنهنجي تسلي ۽ دلاسي کان محروم نه ڪر؛ شل تنهنجي رضا تي راضي رهان، لائق طرح توسان نهٺائيءَ سان هلان.

اُپديش ٣٥- پرميسر اڳيان سچائيءَ ۽ نمرتا سان هلجي

١. پريوءَ جي اڳيان سچائيءَ ۽ نمرتا سان هل ۽ پنهنجي دل جي نهٺائيءَ سان انکي ڳول ته تون خراب جلهين کان آجو رهندين ۽ توکي ماڻهن جي پچار جي پرواه نه رهندي.

٢. پريو سيڪاري ٿو جيڪي ڪيس صحيح ۽ وڻندڙ لڳي ٿو.

٣. گهڻي افسوس ۽ پشيمانيءَ سان پنهنجي اپراڌن جو

(vi) سدائين آزاد رهڻ لاءِ هر ڪنهن دنيوي موهه کان آجو ٿيڻ ٿو چاهي.

(vii) پيار نڪتوئي پرميسر مان آهي فقط مالڪ ۾ ئي وسرام پائي سگهي ٿو.

(viii) پاروهي پهري سجاڳ آهي ستي به سمهي نٿو سگهي. ٿڪجي ٿو ته به نٿو ماندو ٿئي، سوڙهو گهٽجي ٿو ته به نٿو ماندو ٿئي پر اندر مشعال جيئان جيئي ڪيدي مٿي ٿو ٿئي ۽ سلامت سڀ مان پار لنگهيو وڃي ۽ الله کي پڪاري ٿو ته تون ميرا مئن تيرا.

(ix) پيار نڪو، صاف دل، ذرمشت، خوش، وڻندڙ، ذيرجوان، سچو، دورانديش، بردبار، دلير، سچيت، نهٺو، سچار، پرهيزگار، ڪل حواسن تي پوري رکندڙ ۽ پنهنجو مطلب ڪونه ٿو ڳولي. جيڪڏهن پنهنجو مطلب ڳوليندو ته ڪري پوندو.

(x) پرميسر کي ڏيائيندڙ انجو شڪرگذار رهي ٿو. ڪهڙي به حالت ۾ مالڪ ۾ ڀروسو ۽ آس رکندو ٿو اچي.

اپديش ٣٧- سچي عاشق جي پرک

١. سچو عاشق ڪير آهي؟ هو حد کان باهر تسلي نٿو طلبي، جي ٿوروئي ڏک ٿو اچيس ته ڪم جنهن ۾ هٿ وڌو اٿس سو ڇڏي نٿو ڏئي، آزمائش مهل عرس ٿي ٿو بيهي ۽ دشمن جي دلبي ڏيندڙ ڇڻن

اُپديش ٣٦- ايشوري پريم جو عجيب تاثير

١. ايشور جي واکاڻ ڪرڻ گهرجي جو مسڪينن جي سار لهي ٿو. هنجا ٿورا مڃڻ گهرجن جو اسين تسليءَ جي لائق ڪونه آهيون تڏهن به بعضي بعضي تسلي ڏئي ٿو.

٢. جڏهن ايشور پريم جي ڪري دل ۾ ايندو، تڏهن سيڪجهه جيڪي اندر ۾ آهي سو موج ۾ اچي ويندو.

٣. اسانجي پريت ڪچي آهي ۽ نيڪيءَ ۾ اڻپورا آهيون ان ڪري ايشور کان طاقت ۽ ڏيڍ ۽ درشن ملڻ جي درڪار آهي.

٤. مالڪ کي سوال ڪرڻ گهرجي ته ڪل حرصن ۽ هوائن کان رکي وٺي ۽ دل کي اجائي موه کان ڇڏائي، اندر جي صحت ڏئي، اڇو اُجرو ڪري، پاڻ سان نيهن ڪرڻ جو لائق ڪري، دک سهڻ ۾ دلير ڪري ۽ اور چائيءَ ۾ پختو ڪري.

٥. سچي پيار مان فائدا: (i) جيڪي ڳرو ٿو لڳي تنهن کي هو هلڪو ٿو ڪري.

(ii) جيڪي اڻپورو يا گهٽ وڌ آهي تنهنکي هو هڪ سمان ٿو سمجهي.

(iii) ڪوڙي کي منو سوادي ڪيو ڇڏي.

(iv) ماڻهوءَ کي وڏن وڏن ڪمن لاءِ همٿائي ٿو.

(v) پورن ۾ پورن هٿ ڪرڻ لاءِ جوش جاڳائي ٿو.

لڪائجي، نڪي ڦونڊ ۾ اڇجي، نڪي ان بابت گهڻو ڳالهائجي، پاڻکي ڪين جهڙو ڪري ليکجي ۽ پاڻکي اُنجو لائق ڪري نه سمجهجي. ان تي پاڙي نه ويهجي، ڇاڪاڻ جو اها ڪنهن به وقت هلي وڃي سگهي ٿي. اها سڌاري جي ڳالهه ٿيندي، ته جڏهن تو وٽان اها ڪريا وڃي هلي، تڏهن تون نمرتا، تحمل ۽ صبر سان اها حالت سهي وڃين، پرارٿنا ۾ ڍلو نه پوين، دل جي رڪاوٽ يا من جي چنتا ڪري پاڻ کي وساري نه ڇڏين.

٢. جي پرميسر جي رستي ۾ نول ۽ ٻي آزمودگار آهن، تن کي سياڻن جي صلاح تي هلڻ گهرجي، نه ته هو اوجهڙ ويندا.

٣. ڀڳتيءَ جي نعمت ملڻ ڪري گهڻو خوشيءَ ۾ پُرجي وڃڻ نه گهرجي ۽ ڊپ رکڻ گهرجي ته ڪنهن به وقت اها کسجي سگهي ٿي.

٤. ڏک ۽ تڪليف وقت بلڪل مايوس نه ٿيڻ گهرجي. مالڪ جو خيال ۽ مالڪ ۾ اعتقاد رکڻ گهرجي.

٥. خوف خطري ۽ گناه کان بچڻ خاطر توکي هميشه نهٺو رهڻ گهرجي. پاڻ کي گهٽ ڄاڻڻ گهرجي. پنهنجي آتما کي پوري قاعدي ۽ وس ۾ رکڻ گهرجي.

٦. جڏهن اندر جو آتمڪ جوش وڃي هليو، ته ياد رک ته اها روشني وري موٽي ايندي، جا مالڪ چيتاءُ ڪرڻ ۽ پنهنجي وڏائيءَ خاطر ساعت پري ڪئي آهي.

تي نٿو لڳي، سوُڪڙيءَ سان دل نٿو لائي پر هرڪنهن سوُڪڙيءَ کان مٿي مالڪ کي ٿو ڳولي.

٢. دل ۾ جي خراب خيال ٿا اُٿن، تن سان وڙهڻ ۽ شيطان جي صلاح کي ڌڪارڻ، سان نيڪيءَ جي نيشاني آهي ۽ ان ۾ وڏو گڻ آهي.

٣. ڪهڙا بہ عجيب ۽ غريب ڦرنا تنهنجي دل ۾ اُٿن تہ انهيءَ ڪري وياڪل نہ ٿيءُ، پر پنهنجي ارادي ۾ پڪو ٿي ايشور ڏانهن پنهنجي نيت سچي رک. انهنکي تون پاڻ کونہ ٿو سڏين جيسين تون انهن مان ناخوش آهين ۽ تون انهن کي روڪين ٿو تيسين انهن مان فائدو ئي اٿيئي. شيطان توکي ورچائڻ ۽ ڊيڄارڻ لاءِ گهڻيئي تو ۾ بدخيال ٿو وجهي تہ تون پرارٿنا ۽ پاڪ پستڪن کان پري رهين. متان هنجي ڳالهہ تي لڳو آهين. جي تنهنجي دل ۾ خراب ۽ گنديون ڳالهيون اُٿاري تہ ڪيس ڌڪار جي اکرن سان مٿس ڏوهہ مڙهج ۽ پريوءَ ۾ وسرام وٺج، پر جيڪڏهن ڪمزوريءَ ڪري ڪري بہ پوين، تہ اڳئين کان سرس همت ڪري اُٿي کڙو ٿيءُ ۽ ايشور جي جهجهي ڪرپا ۾ ڀروسو رکج پر اجائي خوشيءَ ۽ هٺ کان پاڻکي بلڪل سنڀالج.

اُپديش ٣٨- ڪرپا کي نهٺائيءَ جي سنڀال هيٺ لڪائيندو اچجي

١. جيڪڏهن ڀڳتيءَ واري نعمت ملي تہ ان کي

اُپديش ۴۰- سڀني ڳالهين ۾ پرميسر کي پنهنجي آخرين مراد ڪجي

١. ايشور کي پنهنجي خاص ۽ آخرين مراد ڪري جاڻڻ گهرجي ته سکي ٿيو، نه ته دل جي ڪشادگي حاصل نه ٿيندي، پر اُلٽو گهڻين پرڪارين رنجڪون پونديون ۽ تنگ ٿيو.

٢. ڪابه چڱائي پاڻ وٽان سمجهڻ نه گهرجي. نڪي ڪي نيڪي ڪنهن انسان وٽان آهي، پر سڀ ڪجهه پرميسر وٽان ئي سمجهه، جنهن بنا انسان کي ڪجهه نه آهي ۽ گهڻي تاڪيد سان شڪر ڪرڻ گهرجي، جيڪي ڏنو اُٿس، ان لاءِ. جي ائين ڪبو ته هٺ نڪري ويندو ۽ جڏهن سورڳي ڪرپا ۽ سچي محبت اندر ايندي، ته نه ايرکا، نه دل جي سوڙهه، نه خود مطلبي رهندي.

٣. ايشوري پريم سڀ کي جيتي ٿو. آتما جي مڙيني طاقتن کي ڪشادو ڪري ٿو؛ فقط مالڪ ۾ئي سرهو ٿيڻ گهرجي ۽ منجهس ئي اُميد رکڻ گهرجي، ان کان مٿي ڪير به ڪونهي، جنهن کي ساراهجي ۽ واکاڻجي.

اُپديش ۴۱. دنيا کي ڌڪاربو ته پرميسر جي شيوا مان رس ايندو

١. جيڪي مالڪ جو خوف ٿا رکن انهن لاءِ هن گهڻو ميناج لڪائي رکيو آهي.

٧. سک هميشہ ملي، ان کان آزمائش اڪثر وڌيڪ فائدي واري آهي.

٨. لياقت هن ڳالھ ۾ آهي تہ سچي نمرتا ۾ پڪو، ايشوري پريم ۾ رتل، سموري ئي ۽ نجي ئي نجي هميشہ پرميشور جي وڏائي ڳوليندڙ، پاڻ کي گهٽ ڄاڻندڙ ۽ سچ پچ تڪاريندڙ، ٻين جي عزت ملڻ تي ايترو خوش نہ ٿيڻ، جيترو گهٽ ليکجڻ ۽ نراد ر ٿيڻ تي.

اُپديش ٣٩- پرميسر اڳيان پاڻ کي گهٽ ڄاڻڻ

١. مالڪ جي ڪرپا سٽائي ٿيندي جيڪڏهن پاڻکي هيٺ ڪبو، ڪي ڪين ڪري ليکبو، سموري خودپسندي ڇڏي ڏبي، خاڪ جي خاڪ سمجهبو ۽ انهيءَ حالت ۾ مالڪ جي روشني دل کي اوڏي ايندي ۽ سموري خودپسندي نيستيءَ جي اوڙاه ۾ هميشہ لاءِ غرق ٿي ويندي.

٢. جيڪڏهن ايشور ديا پالي نظر ڪندو تہ اُنهيءَ دم توفيق اچي ويندي، نئين خوشيءَ ۾ پرجي ويبو، ايشور جهت اُتاري پاڪر ۾ وجهندو، انيڪ احتياجن ۾ مدد ڪندو ۽ بيشمار خرابين جي چنبي کان ڇڏائيندو.

٣. شل ايشور اسانکي پاڻ ڏي ڦيري ۽ اسين سندس شڪرگذار، نهنا ۽ پريمي ٿيون ڇو تہ هوُئي اسانجو نيتارو، همت ۽ سگهہ آهي.

پنهنجي فائدي لاءِ. جي ايشور جي وڏائيءَ لاءِ، ته جيئن هو ٺهرائيندو تيئن راضي رهندين، نه ته سمجهبو ته تنهنجي من ۾ ڪا لڪل خود خواهي آهي، جا توکي آڏي ٿي اچي.

٣. ڪابه خواهش جا چڱي نظر اچي ٿي، اُنتي يڪدم پيروي نه ڪرڻ گهرجي، ڇو ته ڪي وري ڪابه ڳالهه جيڪا اَڻ وڻندڙ هجي، ان کي يڪدم ڇڏي ڏجي، پر چڱيءَ طرح غور ڪجي ته مالڪ جي حڪم پٽاندڙ آهي يا نه.

٤. پنهنجن نفساني خواهشن کي مڙس ماڻهو ٿي زبردستيءَ سان روڪڻ گهرجي. جسم جو لحاظ نه ڪجي؛ ان کي وس ڪرڻ جي بيحد ڪوشش ڪجي سزا ڏيئي تابع ۾ رکڻ سان، جيستائين هو هر ڳالهه ۾ جهٽ ڇيو مڃي، ٿوري تي راضي رهي ۽ ڪنهن به اهنج ۽ تڪليف جي دانهن نه ڪري.

اُپديش ٤٣- صبر سکڻ ۽ بڇڙين خواهشن سان ڇتاپيٽي ڪائڻ

١. صبر اِنسان لاءِ بلڪل ضروري آهي جو هن حياتيءَ ۾ گهڻا ڏک اَڏو اچن ٿا. ايشور چاهي ٿو ته اهڙي شانتي نه هئڻ گهرجي، جنهن ۾ پريکيائون يا ڪشٽ نه هجن.

٢. جڏهن طرح طرح آزمائشون اچن ۽ گهڻا ڏک ڏسجن، تڏهن سمجهڻ گهرجي ته شانتي حاصل ٿي آهي.

٢. جيڪي مالڪ سان نيڪ هن ٿا لائين انهن کي هوُ تمام گهڻو ڏيان جو رس ٿو ڏئي.

٣. ايشور وسرڻ جو نه هئڻ گهرجي، جو جڏهن انسان هوئي ڪين تڏهن الکي پيدا ڪيائين، ڪيترن بگڙي چت تيلن جي ياد گيري ڪري، انهن کي پاڻ وٽ آنڊائين. انهيءَ پلائيءَ جو عيوضو، جو تي سگهي ٿو، نه انسان سڀ ڪجهه هن خاطر تياڳي.

٤. آسمان ۽ زمين جيڪي انسان جي خدمت لاءِ ايشور پيدا ڪيا آهن سي سڀ سندس حڪم ۾ آهن. انسان جي شيوا لاءِ مالڪ ملائڪ اُپايا ۽ مقرر ڪيا آهن، خود انسان جي شيوا ڪرڻ پاڻ تي ڪنئين آهي.

٥. ڌرمي داسپڻي جي اوستا پوتر آهي. اها انسان کي ملائڪن جهڙو ٿي ڪري، ايشور کي اهڙا انسان وڻن ٿا ۽ اُنهن کان شيطان ڪنبن ٿا ۽ اهو ڪل وشواسين کي پسند آهي ۽ ان مان جيڪا خوشي ملي ٿي سا ڪڏهن به ختم ٿيڻ جي نه آهي.

اُپديش ٤٢- پنهنجي دل جي خواهشن کي جاچڻ ۽ پوري طرح هلائڻ کپي

١. پنهنجون خواهشون ايشور جي حڪمن مطابق ڪري ڇڏڻ گهرجن. خود مطلبي ٿيڻ نه گهرجي. پر مالڪ جي مرضيءَ پٺاندڙ هلندڙ ٿيڻ گهرجي.

٢. جيڪڏهن اڇائون يا خواهشون اُپرن ٿيون، تپاسي ڏسڻ گهرجن ته اُهي ايشور جي وڏائيءَ لاءِ آهن يا

۽ ڪي ڪين آهي، سو ايشور لڳ ڪنهن اِنسان جي تابع ٿيو. ايشور ائين ان ڪري ٿو ڪري، ته سندس نهٺائي ڏسي پنهنجي هٿ ڪي مارين.

٧. اهڙو نهٺو ٿيڻ گهرجي جو ڀلي ٻيا تنهنجي مٿان لنگهي وڃن ۽ توکي رستي جي ڌور ڄاڻي پيرن هيٺ لتاڙين.

٨. ايشور جي نظر ۾ آتما ملهائتو آهي، انهيءَ ڪري هو چشم پوشي ڪري ڇڏي ٿو ڏئي، انهيءَ هوندي به جو اسان هنکي وري وري ڪاوڙايو آهي ڇاڪاڻ ته هوُ چاهي ٿو ته اسانکي هنجي پيار جي پروڙ پوي. سندس ڀلاين لاءِ هردم شڪرگذار ٿيون. سدائين سچي تابعداري ۽ نهٺائي اختيار ڪريون ۽ صبر سان ڏڪار سهندا رهون.

اُپديش ۴۵- پرميسر جي ڳجهين عدالتن جو ويچار ڪندو رهجي ته مٿان پنهنجا چڱا ڳڻ ڏسي ڦونڊ ۾ پرجون

١. جڏهن مالڪ کي ملائڪن ۾ به بڇڙائي نظر آئي تڏهن اِنسان ڪهڙو به چڱو هجي ته هنکي ڦونڊ ۾ پرجي وڃڻ نه گهرجي.

٢. ايشور جي مدد کانسواءِ ڪجهه به نه ٿي سگهندو.

٣. پاڻکي نيچ ۽ گهٽ ڄاڻڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو به ڳڻ پاڻ ۾ نظر اچي ته انکي ڪجهه به نه ڪري ليکجي.

۴. ايشور اڳيان عاجزيءَ سان نمڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو

اها ضروري آهي دوزخ جي باھ کان بچڻ خاطر.

٣. دنيوي شيون بي بقا ۽ نڪمنديون آهن ۽ جيڪي انهن ۾ آهن سي وحشي مرن وانگر هن ناسونت حياتيءَ جي ٿوري خوشيءَ لاءِ آتما جو موت ٿا پرائين.

٤. ڪل دنيوي شين کي ڏڪاربو ۽ هرڪنهن کين جهڙي خوشيءَ کي تياڳبو، تہ سچيءَ خوشيءَ جو سواد ملندو ۽ مالڪ کان جهجهي تسلي ملندي ۽ برڪت ۽ سک ۽ آرام حاصل ڪبو. هن لڙائيءَ ۾ ڪهڙي عادت لڙائي ڪندي پر موچاري عادت ان کي جيتي ڇڏيندي.

٥. شيطان جهنجو ڪم آهي ڇيرڻ ۽ تپائي ڪٽڻ، تنهن کي پرارٿنا سان يا ڪنهن ڪم ۾ مشغول رکڻ سان پچائي سگهبو.

اُپديش ٤٤- نماڻو داس

١. ايشور جي آگيا کان منهن موڙڻ نہ گهرجي.

٢. پنهنجي لاءِ خاص فائدو نہ ڳولڻ گهرجي.

٣. پنهنجي بالادست جي، خوشيءَ ۽ رضامنديءَ سان، تابع رهڻ گهرجي.

٤. پنهنجي سياءَ تي غالب پوڻ خاطر پاڻکي ڏڪارڻ سکہ.

٥. بين جي مرضيءَ تي سڀوئي ڇڏڻ کان عار ٿو ڪرين، اهو ڏيکاريئو، تہ پاڻکي حد کان وڌيڪ پيار ڪرين ٿو.

٦. ايشور پاڻ انهنائيءَ سان انسان جي تابع ٿئي ٿو، پوءِ ڪهڙي وڏي ڳالهہ جو انسان جو خاڪ جي مٽ

(iv) دنيا جي ڪل شين بنسبت پاڻکي مٿل سمجهڻ گهرجي.
(v) سڀني شين کان وڌيڪ مذهب وسرام پائڻ سمجهجي.

اُپديش ۴۸- سچي تسلي پرميسر ۾ ڳولڻ کپي

١. پورن تسلي فقط پرميسر ۾ ڳولڻ گهرجي، چاڪاڻ ته ٻيا ٿوري وقت لاءِ آهن.
٢. ماڻهوءَ کي ايشور جي تسلي بنسبت تحمل ڪرڻ گهرجي، چاڪاڻ جو هو اڏيندن جو ڏڌ ڏيندڙ، نماڻن جو راکو آهي، ۽ هو پنهنجو وچن پاليندو.
٣. دنيوي شيون پنهنجي احتياج آهر ڪتب آڻڻ گهرجن، پر ستُ فقط انهن لاءِ رک جيڪي هميشه قائم آهن.
۴. تنهنجو سک اُپايل شين ۾ نه پر اُپائيندڙ ۾ سک آهي.

اُپديش ۴۹- پنهنجا سڀ ڪم نرسنسي مالڪ تي ڇڏجن

١. پنهنجا سڀ ڪم بنا سنسي مالڪ تي ڇڏڻ گهرجن، جو هنکي ئي خبر آهي ته اسان لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون فائدي واريون آهن. جيڪو سڀ ڪم پرڀوءَ تي ڇڏي سو پاڻکي وڏي جوکي ۾ ٿو وجهي، پر پنهنجي مرضي پرڀوءَ ڏي سچي ۽ پڪي هڻڻ گهرجي ۽ جيڪي ٿئي اُن تي راضي رهڻ گهرجي.
٢. دک ۾ اهڙو خوش ٿيڻ نه گهرجي جهڙو سک ۾.

اِنسان کي ڪين آهي، ڪين منجهان ٿيو آهي ۽ ايشور جون عدالتون اِنسان جي سمجهه کان ٻاهر آهن.

اُپديش ٤٦- ڪنهن ٻ شيء جي سڌ ڪجي ته ڪيئن هلجي ۽ ڇا چئجي

١. جيڪي ٻ ٿئي ان ٻاري ۾ چوڻ گهرجي ته پريو جيئن توکي وڻي تيئن ٿئي. جيڪڏهن اهو منهنجي فائدي لاءِ آهي ته اهو مان تنهنجي عزت لاءِ ڪم آڻيان. جيڪڏهن اُهو منهنجي فائدي لاءِ نه آهي ته منهنجي اها خواهش ڪيڍي ڇڏ.

٢. جيڪڏهن دل ۾ اچي ته فلاڻي ڳالهه جي خواهش ڪرڻ جڳائي ته هميشه پرميسر جي ڊپ ۽ دل جي نهٺائيءَ سان ان لاءِ سڏائتو ٿجي. بهتر ٿيندو ته توڪل رکي سڀ ڪم ايشور تي ڇڏجن. اِنسان کي پنهنجي لاءِ نه پر ايشور لاءِ جيئڻ. شل اهو پوري طرح ڪري سگهجي.

اُپديش ٤٧- پرميسر جي مرضي پوري ڪرڻ لاءِ پرارٿنا

١. پرميسر جي مرضي پوري ڪرڻ لاءِ هيٺين ڳالهين لاءِ ايشور کي سوال ڪرڻ گهرجي:-

(i) هميشه لاءِ سندس ڪرپا.

(ii) جيڪي ڪيس سڀ پسند هجي سو اسين چاهيون.

(iii) جيڪا اِڇا سندس هجي اسانجي ٻ اها اِڇا ٿئي.

جهڙي ڳالهه مان ڳري آزمائش اچبو جاڳي. ٻيڙا خيال جهڙا تڪڙا اندر گهرن ٿا تهڙا وري دير سان ٿا نڪرن. انهيءَ ڪري ايشور کي سوال ڪندو اچجي، ته مونکي ڪري ڳرڻ مان ڪڍ. تون شرڌالو آتمائن تي موهت آهين، منهنجي مڙيئي ڪمن ڪارين ۾ مون سان همراه ٿيءُ، مونکي دليري ڏي، جو مون تي نفس غالب نه پوي.

۲. دنيوي حياتيءَ سان دل رکڻ نه گهرجي، جا ڪڏهن به تڪليفن ۽ دکن کان خالي نه آهي؛ جيڏانهن وڃ اوڏانهن مهاجار ۽ دشمن ئي دشمن.

۳. دنيا سان موه رکڻ لاءِ هرڪائين ٿا جسم جو موه، اکين جو موه، حياتيءَ جو ڪوڙو هٺ. پر انهيءَ ڪري خراب عيش عشرتون اچبو غالب پون.

۴. ايشوري ميناج حاصل ڪرڻ لاءِ، دنيا کي پوري پوري طرح ترڪ ڪارڻ گهرجي ۽ پوتر بندنن ۾ اچڻ گهرجي، جتي فقط پرميسر لاءِ جيئڻ جو اُدم ڪرڻ گهرجي.

اُپديش ۵۲- پرميسر جي انيڪ ٻلاين کي ياد ڪرڻ

۱. مالڪ کي سوال ڪرڻ گهرجي، ته دل کوليم ته تنهنجو قاعدو سمجهان ۽ تنهنجي حڪمن تي هلان، تنهنجي مرضي سهي ڪريان. تنهنجون سڀ ٻلايون ياد ڪري، تنهنجا احسان مڃيندو رهان. جيڪي به آهي سو

٣. جيڪي ٿي اُنجي لاءِ مالڪ جا شڪرانا مڃڻ گهرجن.
٤. مالڪ کي سوال ڪرڻ گهرجي ته سڀ گناه ڪان رکي ونيم.

اُپديش ٥٠- ايذاءَ سهي وڃڻ ۽ سچي ڌيرجوان جي برڪه

١. سختيون هلڪيون يا ڳريون هجن، انهن کي صبر سان سهي وڃڻ گهرجي. ائين ٻه ٿي سگهيتو ته هلڪيون تڪليفون تنهنجي بي صبريءَ ڪري تـوکي ڳريون لڳنديون هجن.
٢. تڪليف آسانيءَ سان سهي سگهبي، جيڪڏهن پنهنجي طبيعت کي دک سهڻ لاءِ هيربو.
٣. جيڪي ٿئي سو پنهنجي مالڪ وٽان سمجهڻ گهرجي، ۽ نه ڪنهن اِنسان کان، انهيءَ ۾ وڏو لاڀ ٿيندو، جو مالڪ انجي موت ضرور ڏيندو.
٤. جيڪڏهن لاڀ وٺڻو آهي، ته ضرور تڪليف وٺڻي آهي.
٥. مالڪ کي سوال ڪرڻ گهرجي، ته ڪا به تڪليف اچي ٿي، سا شل تنهنجي خاطر مونکي وڻندڙ ۽ چڱي لڳي.

اُپديش ٥١- پنهنجي ڪمزوري ٻاسڻ

١. اِنسان تمام نربل آهي. ڪنهن ٻه خسيس ڳالهه ڪري دل-شڪستو ٿي ٿو پوي. دل ۾ خيال ٿو ڪري ته بهادر ٿيندس، پر اچا ٿوري تڪليف آڏو آئي، ته جهٽ دل ڳائون مائون ٿيو پوي. بعضي بلڪل ڪين

اُپديش ٥٣- چار ڳالهيون جن مان وڏي شانتي ٿي ملي

١. اهو ماڻهو سک ۽ آرام جي حد اندر رهي ٿو، جو هيٺين چئن ڳالهين تي هلي ٿو:-

(i) پنهنجي مرضيءَ جي بدران ٻئي جي مرضيءَ تي هلڻ جو اُدم ڪري ٿو.

(ii) هميشه گهٽي بدران ٿوري کي پسند ڪري ٿو.

(iii) هميشه سڀ کان هيٺين جاءِ وٺي ٿو ۽ هرڪنهن جي تابع رهڻ جي طلب ڪري ٿو.

(iv) هميشه دعا پن ته تنهنجي حق ۾ پرميسر جي سموري اِڇا پوري ٿئي.

اُپديش ٥٤- خراب خيالن کان بچڻ لاءِ پرارٿنا

١. خراب خيالن کان بچڻ لاءِ پرارٿنا ڪجي ته مالڪ! مونکان پري نه ٿي ڇو ته انيڪ خراب خيال منهنجي دل ۾ اُٿن ٿا ۽ ڳرا خوف خطرا مونکي ستائين ٿا. جيڪڏهن تو مدد نه ڪئي ته منهنجو ڇاڙهو نه ٿيندو، تون ئي منهنجو آسرو ۽ ڏڍ آهين. مان شل هر دک ۾ تنهنجي سرن وٺان تو ۾ئي ڀروسو رکان، دل وجان سان توکي سڏيان ۽ صبر سان تو وٽان تسلي ملڻ جي آس پائي وهان.

اُپديش ٥٥- ٻين جي رهڻيءَ بابت اجائي ڇنڊ ڇاڻ نه ڪجي

١. ٻين جي ڳالهين ۾ تنهنجو ڪهڙو واسطو؟ هرڪو

سڀ تنهنجي ئي ڀلائي آهي، ان مان سمجهجي ٿو تہ تون ڀلو ۽ سخي آهين. تو ڌاران ڪھڙي بہ خسيس شيء نٿي ملي سگھي.

۲. جنهن کي گھڻو مليو آهي، ان کي هٺ ڪرڻ نہ گھرجي. ٻين کان وڌ و توڻي چڱو اهو آهي، جو پنهنجي وڏائي نٿو ڪري، پر نهٺائيءَ ۽ پريم سان مالڪ جا شڪرانا بجاءِ ٿو آڻي ۽ پاڻ کي نيچ ۽ نالائق ٿو سمجهي ۽ اهڙوئي ماڻهو آهي، جو وڏين وڏين برڪتن ملڻ جو لائق آهي.

۳. جنهنکي ٿورو مليو آهي، انکي ڪرڪڻ نہ گھرجي نکو حسد ڪرڻ گھرجي. جيڪي ڏنو اٿس انجي لاءِ سائينءَ جي صفت ڳائي، جو هر ڪنهن کي، جنهن جو لائق آهي، ايترو ڏئي ٿو. حقيقتون جيڪي غريب ۽ نماڻا آهن ۽ جنکي دنيا ڌڪاريندي آهي انهن کي مالڪ پنهنجو سڄڻ ۽ گھر جا ڀاتي ڪري چونڊيو آهي. اهو هن مان ثابت ٿو ٿئي تہ ايشور جا نائب، جنکي مالڪ ساري پرٿويءَ جو حاڪم ڪري ٿاڦيو، انهن دنيا ۾ بنا ڪرڪڻ ڪنجهڻ جي ٿي گذاريو. ري ڪيني، ري ڏائي ڏنبيءَ، نهٺا، ڀولي ڀاو جا هئا. مالڪ جي خاطر خواري يا بدنامي سهڻ ۾ خوش ٿي ٿيا ۽ جن ڳالهين کان دنيا ڀڄندي آهي، سي خوشيءَ سان اختيار ٿي ڪيائون.

آهي ۽ جيڪڏهن سڀڪجهہ تنهنجي مرضيءَ موجب ٿئي ٿو، اُن مان ائين نہ سمجھہ تہ ڪماليت کي اچي رسيو آهين. جيڪڏهن اندر ۾ گهڻي ڀڳتي ۽ پريم رس جاڳندو ڏسين، تہ انهيءَ ڪري پاڻکي وڏو يا ايشور جو پيارو ڪري نہ سمجھہ.

٣. اِنسان جو سڌارو آهي هن ڳالهہ ۾، جو سموري دل سان پرميسر جي مرضيءَ تي پاڻ ڇڏجي ۽ هن لوڪ خواه پرلوڪ ۾ پنهنجو مطلب نہ ڳولجي ۽ هرڪنهن حالت ۾ هڪ جهڙي رخ سان مالڪ جا احسان ۽ ٿورا مڃجن. تڏهن ڇمبو تہ تون شانتيءَ جي سڌي ۽ سچي راه ۾ هلين چلين ٿو ۽ ايشور جو درسن ڪرڻ لاءِ اُميدوار آهين.

٤. جڏهن تو وٽان اندرين تسلي وڃي هلي ۽ پاڻکي ڳرين تڪليفن سهڻ لاءِ تيار رکين، ايشور کي نيائي ۽ عادل ڪري سمجهين ۽ سندس پوتر نالي جي واکاڻ ڪرين ۽ جي پاڻ کي بلڪل تڪارين، تڏهن تہ توکي سچو سک ڀوَ تي ملندو.

اُپديش ٥٧- آزاد دل جي وڏائي، سا جيتري نهٺائيءَ جي پرارٿنا سان ٿي ملي، اوتري پڙهڻ سان نہ

١. جيڪو آزاد دل هئڻ ٿو چاهي سو (i) سورڳي پدارٿن تي ڌيان ڏيڻ کان ڀلو نہ ٿئي. (ii) ڳڻتين

پنھنجي ڪمن لاءِ پاڻ جوابدار آھي. جي ٻين جي ڳالھين ۾ ٽپي پوندين، تہ وڃي بيھودين ڳالھين ۾ گرفتار ٿيندين. ايشور کي سڀ ڪجھہ روشن آھي، انڪري آنند ۾ گذار ۽ سڀ ڪجھہ ڪٽي اُنتي ڇڏ.

٢. وڏي ناليءَ کي مرڻ نہ گھرجي، نڪي گھڻن سان جاڻ پڇاڻ رکجي يا ڪنھن سان خاص ياري دوستي رکجي؛ ڇو تہ اھڙين ڳالھين مان دل جو مونجھارو ۽ انڌڪار ٿئي ٿو. جيڪڏھن دل جو دروازو ايشور جي طرف کوليندين ۽ اُدم سان سندس اچڻ جي وات نھاريندين، تہ ھو خوشيءَ سان پنھنجا وچن توکي ٻڌائيندو ۽ پنھنجا ڀيد ظاھر ڪندو. ھوشيار ٿي، پرارٿنائن ۾ پھري سجاڳ ٿيءُ ۽ ھر ڳالھہ ۾ نھٺو ٿيءُ.

اُپديش ٥٦- ڪھڙي ڳالھہ ۾ دل جي پڪي شانتي ۽ ڇا مان نيڪيءَ ۾ سچي ترقي ٿئي ٿي

١. دل جي پڪي شانتي ملي ٿي ھيٺين ڳالھين مان:- دل جي حليمائي ۽ نماڻائي، ڌيرج ۽ صبر، فقط ايشور کي خوش ڪرڻ ڌاران ٻي منشا نہ رکجي. ايشور ڌاران ٻي ڪنھن شيءِ جي سڌ نہ رکڻ، نہ طلبڻ، ٻين جي رھڻي ۽ ڪھڻيءَ تي اُبھرو ٿي راءِ نہ ڏيڻ، ۽ جن ڳالھين جو بار رکيل نہ آھي تن ۾ ٽپي نہ پوڻ.

٢. جيڪڏھن توکي ڪوبہ بار معلوم نٿو ٿئي، انھيءَ مان متان سمجھين تہ توکي سچو سک ملي چڪو

(ii) جا شيءَ رنڊڪ وجهي ۽ اندروني آزادگي کسي وٺي، سا پاڻ وٽ نه ڏار.

(iii) سڄو دل وجان سان پاڻ کي ايشور جي حوالي ڪر، ته توکي ڪا به ابوچي ڪانه رسندي.

(iv) جي دنيائي شين پٺيان پوندين ۽ سڄون ڏيندين، ته ڪڏهن به ٺر نه پائيندين ۽ نه فڪرات کان آجو رهندين. دنيوي شيون تيڄ ڪري جاڻ، ان ۾ تنهنجي ڀلائي آهي.

(v) آتما جو اُتساه هئڻ گهرجي ۽ ايشور منجهه ٽڪاءُ هئڻ گهرجي. ٻاهريان سڪ گهڻو جتاءُ نه ڪندا.

اُپديش ۵۹- پرارٿنا دل کي صاف ڪرڻ ۽ ايشوري سياڻپ حاصل ڪرڻ لاءِ

١. هيٺين پرارٿنا ڪرڻ گهرجي:-

هي ايشور توفيق ڏي جئن مان اجائي فڪرات ۽ ڳڻتي دل مان ڪيڍي ڇڏيان، ڪنهن به ناپايان شين تي هرکي نه وڃان.

٢. هي ايشور سمجهه ڏينم جئن سڀني شين کان وڌيڪ توکي ڳوليان ۽ لهان، تو مان سواد وٺان، توسان پريت رکان. سڀ شيون جي تنهنجي سياڻپ سندي قانون سان پيدا ڪيون ويئون آهن، انهن کي اِئين سمجهڻ سکان.

٣. هي ايشور! سمجهه ڏيم جيئن خوشامد وارن کان

۽ فڪرات هوندي ۽ بيپرواه ۽ نہ آلسي ماڻهوءَ وانگر ٿئي. (iii) ڪنهن بہ اُپايل شيءِ سان موه نہ رکي.

٢. ايشور کي پرارٿنا ڪر تہ هن حياتيءَ جي چنتائن کان توکي رکي وٺي، سرير جي انيڪ احتياجن کان بچائي، آتمڪ سداري ۾ جيڪي اَڙَڪاو آهن، تن مڙني کان ڇڏائي، دنيوي سک تنهنجي نظر ۾ ڪوڙا ڏسڻ ۾ اچن، جسماني سياءُ توتي غالب نہ پوي، دنيا توکي نہ پيلائي، شيطان جي مڪر ۽ فريب کان توکي ڇڏائي، تون ثابت قدم رهين، دک سهڻ لاءِ ڌيرج ۽ اورچ ٿيڻ لاءِ دل جي پختگي ڏئي، دنيا جي ڪل سکن بدران تـوکي پنهنجي درسن جي خوشي ڏئي ۽ جسماني مدد جي بدران توکي پنهنجي ناالي جي پريم سان رڱي ڇڏي ۽ سرير جي پالنا لاءِ جيڪي شيون ضروري آهن، اُن ۾ سنجم سان ۽ پنهنجي همٿ سان هلائي.

اُپديش ۵٨- ٻاڻ سان موه رکڻ ڪري اڪثر ڌرم پلائيءَ کان ٻري ڏو ٿڃي

١. ايشور خاطر سڀ ڏيڻ ڪپي.

٢. دنيا جي ڪنهن بہ شيءِ سان موه نہ رکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جـو اها توسان ڇهتي رهندي ۽ دنيوي پدارٿن جي غلاميءَ کان آجو نہ رهندين.

٣. هيٺين ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏي:-

(i) جيڪا شيءِ توکي نہ هئڻ گهرجي تنهنجي سڌ نہ ڪر.

اُپديش ٦٢- ايشوري مدد لاءِ سوال ڪجي ۽ سندس ڪرپا جي وري ملڻ لاءِ آسائتو رهجي

١. ايشور فرمائي ٿو، ته جيڪڏهن پنهنجو حال چڱو نه ڏسين، ته مون وٽ اچ. منهنجي تسلي ملڻ ۾ دير ٿي ٿئي، چاڪاڻ جو تون مون وٽ اچڻ ۾ دير ٿو ڪرين، مون وٽ اچڻ کان اڳ ٻيا آٿت ٿو ڳولين. اها پڪ ڄاڻ، ته جنهنجو ويساه آهي، اُنجو آءٌ بچائيندڙ آهيان ۽ مونکان سواءِ ڪابه ڪارگر مدد، صلاح، يا علاج ملڻ جو نه آهي. ايمان پختو ڪر، اورچ ٿيءُ، صبر ۽ همت ڌار، ته مهل سر توکي تسلي ملندي. مان انجام ڏنل پاڙيندس، چاڪاڻ جو مان سڀڪجهه ڪري ٿو سگهان. پوءِ جڏهين ساه پٽيندين، تڏهين منهنجي ديا سندي روشني زور، جهجهي، اڻ مٽي، ٿي سگهي ٿي. منهنجي آسري لڳي ويهه، آءٌ اچي توکي ڇڏائيندس.

٢. حال چڱو نه سمجهڻ هڪ آزمائش آهي. اها دق ٿي ڪري؛ اجايا خوف ۽ دپ ڌڪي پيدا ڪري. سڀاڻي جي ڳڻتي نه ڪر، نه ته ڏک مٿان ڏک پرائيندين. آئينده جون ڳالهيون ٿين يا نه ٿين، انهن لاءِ خوشي يا ڳڻتي ڪرڻ بيهودي ڳالهه آهي. اهڙا خيال توکي شيطان ٿو وجهي. انهيءَ مان ثابت آهي ته تون اڃا دل جو هيٺو آهين.

٣. جڏهين تون مونکي پري ٿو سمجهين، تڏهين

پاسو ڪريان ۽ جيڪو برخلاف هجيم تنهن سان ڌيرج سان ورتان.

اُپديش ٦٠- گلاخورن جي زبانن جي برخلاف

١. دل ۾ نه ڪر جيڪڏهن ڪو تنهنجي گلا ڪري. پاڻ جيڪي پڌين، تنهن کان پاڻکي گهٽ ۽ ڪمزور ڄاڻ. ان وقت مانت ۾ رهي، پريوءَ ڏي ڌيان ڏي، نه پوءِ تون سچو سک ماڻيندين.

٢. بيجاءِ موهه ۽ اجايو ڊپ نه رک، نه ته دل جي بي آرامي جاڳندي ۽ حوصلا خطا ٿيندا.

اُپديش ٦١- جڏهن تڪليف اچي ته گهڙي ٻر مالڪ کي سڏجي ۽ واڪاڏجيس

١. آزمائش ۽ ڏک پريوءَ جي اُنهي مرضيءَ سان ٿئي ٿو، ان کان ڀڄڻ ڪونهي. ان وقت پريوءَ جي سرڻ وٺڻ گهرجي ۽ اُنکي سوال ڪجي ته آزمائش ۾ مدد ڪر، ان مان ڦيري منهنجو فائدو ڪر، ڌيرج ڏي؛ توکان سواءِ مان ٻئي ڪنهن وٽ وڃان؟ جيڪڏهن تون مدد ڪندين، ته ڪيتري به تڪليف هوندي، ته مان ڪونه ڊڄندس. هن ڪشت ۽ تڪليف جو لائق آهيان، تنهن لاءِ اهو ضرور ڀوڳڻ کپيم. پر تون سروشڪتيوان آهين، انهيءَ ڪري تون هيءَ آزمائش ٽاري ٿو سگهين، يا تيزي ايتري قدر گهٽائي ٿو سگهين جو ان جي بار هيٺ هجي نه وڃان.

اُپايلن شين کان ڇٽل نہ هوندو، تيستائين ايشوري شين ڏي ڌيان ڏيئي نہ سگهندو.

٢. تمام ٿورا ماڻهو آهن، جيڪي بي بقا ۽ اُپايلن شين کان پاڻکي پري ٿا رکن.

٣. جيستائين اِنسان روحاني طور مٿي اُسريل نہ آهي، کل اُپايلين شين جي موہ کان آجو نہ آهي ۽ سمورو ئي پرميسر سان مليل نہ آهي، تيستائين جي کجھ اٿس، تنهنجو ملھ گھڻو نہ آهي ۽ اهڙو سيڪڙات هيٺ گنتل ئي رهجي ويندو، جو مالڪ کانسواءِ جيڪي آهي، سو ڪي ڪين آهي.

٤. اندر جي سوجهيءَ وارو علم ايشور وٽان اوت ٿي اچي ٿو، اهو صد بار اُتم آهي انکان، جيڪو هوشيار ودوان ڪشالو ۽ محنت ڪري حاصل ڪن ٿا.

٥. ڌيان ڪرڻ ۾ رنڊڪون هن ڪري پون ٿيون، جو اسانجو زور آهي نيشانين ۽ ظاهري شين تي ۽ نہ اندرين نفساني خواهش کي پوري طرح مارڻ جو ۽ تيج شين لاءِ گهڻا ڪشالا ٿا ڪريون، گهڻا انتظار ٿا ڪيون ۽ پوري طرح ايڪاگر ٿي پنهنجي اندر جي حالت جو خيال نٿا ڪريون، پنهنجي ڪمن جو سخت امتحان وٺي پوري طور تڪ نٿا ڪريون. اسانجو هڪڙو هڪڙو ڪم اَشد ۽ اَپوتر آهي، اسان کي هر هڪ ڪم خاصي نيت سان ڪرڻ گهرجي.

اڪثر ڪري آءٌ توکي اوڏي ۾ اوڏو آهيان، جڏهن
پائين ٿو تہ هاڻ سڀ ڪجهہ ويو ڪي ويو، تڏهن
پاڻ اڪثر وڏي ۾ وڏو انعام ملڻ وارو ٿيئي.

٤. سڀ ڪجهہ اوهانجي مرضيءَ پٺاندڙ ٿيندو رهي، ان
کان بهتر آهي، تہ اوهين سختيون سهو. جيڪڏهن
ٿوري وقت لاءِ توکي تڪليف ڏيان ٿو، يا ڪا من
گهري شيءِ ڪسي وٺان، تہ ائين نہ سمجهہ، تہ مون توکي
اصل ڇڏي ڦٽو ڪيو آهي.

٥. تنهنجي مڪتيءَ لاءِ ائين بهتر ٿيندو، جو بعضي
پريم رس کان خالي رهين، جو متان پنهنجي ترقي
ڏسي ڦونڊ ۾ نہ پرجي وڃين. جيڪي آهي سو
منهنجو آهي. جڏهن وٺيم، تڏهن ڏيئي سگهان ٿو،
جڏهن وٺيم، تڏهن وٺي سگهان ٿو.

٦. مالڪ اسانکي موڪليو آهي دنيوي مؤجن ماڻڻ
لاءِ نہ، پر گهرين لڙاين کائڻ لاءِ؛ عزت ۽ مان لاءِ نہ،
پر ڌڪار سهڻ لاءِ؛ سست ٿي ويهڻ لاءِ نہ، پر
محنت ۽ ڪشالن ڪڍڻ لاءِ؛ آشائش ۽ آرام لاءِ نہ،
پر ڌيرج سان جهجهو ڦل اُپائڻ لاءِ.

اُپديش ٦٣ - اپائڻهار کي لهڻ لاءِ ڪل خلقيل شين کي ڏڪارجي

١. ماڻهوءَ کي گهرجي، تہ هرڪنهن اُپايل شيءِ کان لنگهي
مٿي وڃي، بلڪل پاڻ تياڳي ڇڏي ۽ محسوس ڪري،
تہ ايشور جهڙو ڪو بہ ڪونهي ۽ جيستائين انسان ڪل

کي ياد ۾ ڪانہ آهي. اها ڳالهہ مٿي نٿي سمجهي ۽ نہ دنيا ۾ وڏو تيڻ ٿي گهري.

اُپديش ٦٥- دل جي پچتائي بابت ۽ مالڪ کي پنهنجي آخرين مراد ڪري ڄاڻڻ

١. جو سياڻو ماڻهو آهي ۽ آتمڪ سکيا پوري ملئل اٿس سو مٿي ڦيرين گهيرين (جهڙوڪ بعضي خوش، بعضي اُداس، بعضي وياڪل، بعضي پريم ۾ رتل، بعضي رکي جو رکو، بعضي سرگرم، بعضي ڍلي جو ڍلو، بعضي گنڀير بعضي خوش طبع) کان مٿي آهي ۽ جيڪي اندر ۾ پائين ٿو ۽ ڪهڙي طرف چنچلتا سندو واءُ لڳي ٿو، تنهنجي پرواه نٿو رکي، پر سندس آتما جو لاڙو هميشه ايشور کي پائڻ طرف آهي. انهيءَ ڪري هو هميشه نسچل رهندو آهي.

٢. ماڻهو جيتري قدر پنهنجي نيت خالص ۽ نبار رکندو، اوتري قدر طرح طرح جي طوفانن مان پختگيءَ سان پار لنگهي پوندو. پر اِنسان کي ڪاٻہ وڏندڙ شيءِ نظر ٿي اچي، تہ جهٽ اُها وچ ۾ اچيو پوي ٿي ۽ اَتڪاءُ وجهي ٿي.

اُپديش ٦٦- جنهنجو پرميسر سان نينهن آهي تنهنکي هو ڪل شين کان مٿي ۽ مٺو ٿو لڳي

١. پرميشور کي سيڪجهہ ڪري سمجهہ، انکان وڏيڪ ٻيو ڪوبہ سکہ نہ آهي. پر اهو فقط انهن لاءِ آهي

ماڻهوءَ کي نهٺو، ڌيرجوان، حليم، پريمي ۽ روحاني
مزاج ۽ مالڪ تي توڪل رکندڙ هئڻ گهرجي.

اُپديش ٦٤- خود انڪاري ۽ دنيوي شين جي سڀ واسنا تياڳڻ

١. پوري پوري آزادگي تڏهن حاصل ٿيندي جڏهن پاڻ سچوئي تياڳبو. انسان لاءِ زنجيرون آهن پنهنجو مطلب ڳولڻ، پاڻکي پوڄڻ، حرص، فڪرات ۽ چنتائن ۾ گرفتار ٿيڻ، چنچل سڀاءُ ۽ پنهنجو سک طلبڻ، مطلب تہ اُديش آهي سڀ ڇڏ تہ سڀ مليئي، واسنائون تياڳ، تہ سک پائيين.

٢. جڏهن توکي چوڻ ۾ تو اچي تہ ڪامل پرشن جي رهڻيءَ مطابق هل، تہ انهيءَ دم منهن نہ ڦير، نڪي دل لوڙهہ. پاڻ توکي اهڙي رهت هلڻ لاءِ جوش هئڻ گهرجي، نہ تہ بہ ان لاءِ سچي اُڪير سان سڪ رک.

٣. ايشور فرمائي ٿو تہ تون موکي ڏاڍو وڻندين ۽ تنهنجي حياتي آنند ۽ سک ۾ گذرندي، جڏهن تون پنهنجو پوڄيندڙ نہ ٿيندين. سمورو منهنجي مرضيءَ ۽ جيڪو تنهنجي مٿان رکيو اٿم، انجي مرضيءَ تي هلندين. جڏهن سموريون شيون منهنجي حوالي ڪندين، تڏهن جيڪي طلبيندين سو ملندءِ.

٤. سورڳي سياڻپ وٺ ۽ دنيا خواه پاڻکي خوش ڪرڻ جي سڀ تمنا ڇڏ، سورڳي سياڻپ بلڪل خسيس ۽ ڪين جهڙي پيئي پائنبي آهي، جو ماڻهن

ڪري. جڏهن منهنجو اهو عرض اگهامندو تڏهن مان خوش ٿيندس. افسوس آهي جو نفس مون سان جنگ جوٽيندو ته اچي ۽ منهنجي روح جي راڄ کي سک سان سمهڻ نٿو ڏئي. اُت منهنجي مدد ڪر، جيڪي طاقتون جنگ ٿيون ڪن انهن کي چڙو چيز ڪري مونکي توکان سواءِ ٻيو ڪوبہ اجهو ڪونهي. پنهنجا عجيب ڪم ظاهر ڪر، جنهن مان تنهنجي قدرت جي وڏائي ٿيندي.

اُپديش ٦٧- هن حياتيءَ ۾ آزمائش کان ڇٽڻ ڪونهي

آزمائش کان ڇٽي ڪونہ سگهبو. اهي انهيءَ ڪري ٿيون ٿين، جو ماڻهو ويرين جي وچ ۾ رهي ٿو. نفس جون سڀي ڪيٻي جهليون پيئون ٿين. انهيءَ لاءِ روحاني زره جي ضرورت آهي، جا حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهوءَ کي صبر گهرجي. ايشور سان پڪي دل لائڻ گهرجي ۽ سندس خاطر سڀ ڪجهہ پاڻ تي وسائڻ گهرجي. امرت رس انهنکي ملندو، جيڪي جيتيندا ۽ نہ جيڪي ڪائر آهن. ماڻهوءَ کي هميشه جي ۽ نہ هن حياتيءَ جي آرام لاءِ طلب هئڻ گهرجي. محنت، ڏک، آزمائش، خفا، چنتا، محتاجي، بيماري، ايذاءُ، گلا، طعنا، نرادر، مونجهارو، سزا ۽ خواري سڀ ڪجهہ خوشيءَ سان سهڻ کپي. جيڪا شيءِ ٻين گهڻا لڙڪ وهائي ڪشالا ڪري مسين مسين

جن جو نام سان نيئهن آهي ۽ نہ دنيا يا دنيا جي شين سان. نام جو نيئهن ان کي ٿيندو، جنهن ۾ پريم جو انگ آهي ۽ ان کي وري جيڻ ۾ رس ٿو اچي. جڏهن هو حاضر آهي تڏهن سڀ ڪجهہ مٺو پيو لڳي، جڏهن غير حاضر آهي، تڏهن سڀ شين مان ڪراهت پيئي اچي. اهو سڀ ايشور جي ڪرپا سان ئي ٿئي ٿو.

٢. جنکي ايشور مان سواد اچي ٿو، انهنکي هڪ هڪ سندس اُپايل شيءِ مان سواد اچي ٿو، پر جنکي مالڪ مان سواد نٿو اچي، تنکي ڪنهن بہ شيءِ مان سچو رس نہ ايندو. پوين ماڻهن کي پهريائين هٺ ٿو ٿئي، پوءِ سندن موت ٿو ٿئي.

٣. سچ پچ سياڻا ماڻهو اُهي آهن، جي دنيوي شين کي ڌڪارين ٿا، پنهنجي جسماني خواهشن کي مارين ٿا ۽ مالڪ جي حڪمن جي پيروي ڪن ٿا. اهڙي طرح هو ڪوڙ مان نڪري سچ ڏي، جسم مان نڪري روح ڏي وڃن ٿا. انهيءَ ڪري انهن کي مالڪ مان هرڪا شيءِ، جيڪا ان اُپائي آهي، ان مان سواد ٿو اچي.

٤. مالڪ کي سوال ڪرڻ گهرجي، تہ تون جو ڪل تجلي ۽ نور کان سرس آهين، مونکي اهڙي روشني موڪل جا منهنجي دل جي اندرين ڪنڊن ۾ پيهي وڃي، منهنجي آتما کي صاف، شاد، روشن ۽ تازو توانو

پاڻ سچوئي مالڪ جي حوالي ڪر، ته انکي پائيندين ۽ توکي سندس جهجهي ڪرپا ملندي. ايشور جي اها مرضي آهي ته تون هر ڳالهه کان ڇٽل ۽ آزاد هجين.

٢. جيڪڏهن تون پنهنجي مرضيءَ تي هلندين، ته پوءِ تون ڪيئن پرپوءَ جو ۽ پرپو تنهنجو ٿي سگهندو؟

٣. جيتري قدر جلد ۽ سچي دل سان پاڻ ارپڻ ڪندين اوتري قدر توکي فائدو رسندو. متان ڪجهه پنهنجو سمر ڪرڻ جو انتظار ڪرين ۽ آزمائش وقت خيال ڦيري ڇڏين. جي ائين ڪيئه ته توکي ڪڏهن دل جي سچي آزادگي نه ملندي، نڪا ايشور جي سچي محبت حاصل ٿيندي. ان ڪري ايشور بار بار ٿو چوي، ته پاڻ وسار، پاڻکي منهنجي حوالي ڪر، ته سچو سک پائيندين. پوءِ نتيجو اهو ٿيندو، ته توکان سڀ خود غرضي نڪري ويندي، بيهودا وهم ويچار، ڦورٽا، خراب بکيرا، اجايون ڳڻتيون، سڀ گم ٿي ويندا.

اُپديش ٧٠- ٻاهرين ڳالهين ۾ پاڻکي ڇڳي طرح هلائڻ ۽ خوف خطري مهل مالڪ جي شرڻ وٺڻ

١. ڇڳي طرح اها ڪوشش هئڻ گهرجي ته تون کهڙي به ڪم ۾ هجين، ان کان پاڻکي ڇٽل رکين ۽ پاڻ تي قابو رهين، جيئن سڀ شيون تنهنجي وس هجن ۽ تون آزاد ۽ سچو عبراني ٿين. اهو پرميشور جي بالڪن

هت ڪئي سا جهت ڪيئن ملندي. مالڪ ۾ آس رک. مردانو ٿي وڏي دل ڪر. همت نه هار، پنهنجي نه هٿ، پر پنهنجي سرير، آتما ۽ دل جي پختگيءَ سان مالڪ جي وڏائيءَ لاءِ ائين ڪر.

اُپديش ٦٨- ماڻهن جي اجاين فتوائن جي برخلاف

١. مالڪ ۾ پورو ڀروسو رک. جيڪڏهن تنهنجو وويڪ توکي سچيار ۽ بيڏوهو ٺهرائي ته تون ماڻهن جي راين کان نه ڊڄ. جيڪڏهن تنهنجي دل ۾ نمرتا پاڪ آهي ۽ مالڪ ۾ پارط کان مٿي ڀروسو رکيهءَ ته اها ڳالهه توکي ڳري نه لڳندي. سڀني کي پرپوءَ جي لڳه جيڪڏهن راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندين، ته به وقتي ماڻهن جي الزام ۽ ڌڪار کان نه بچي سگهبو. اهڙن ماڻهن جي زبانن کان ڌيرج ۽ نهٺائيءَ سان بچائڻو آهي پر بعضي جواب ڏيڻو پوندءِ، جو مٿان تنهنجي مان ڪري، ڪمزور اِنسان ٺاپرجي نه وڃي.

٢. فاني اِنسان کان ڊڄڻ نه گهرجي. مالڪ کي پنهنجي آڏو رک، ڪوڙا ٻول ٻولي جهڳڙ نه. شروع ۾ ائين ڀانئبو ته تنهنجي گهٽتائي ٿي آهي، پر اَرمان نه کاءُ، صبر ڌار، ته ايشور توکي چٽ ڀرائيندو.

اُپديش ٦٩- دل جي آزادگي ملڻ لاءِ صاف نيت سان پاڻ سڄوئي پرميسر تي ڇڏي ڏجي

١. هميشه ۽ هر مهل ننڍين توڙي وڏين ڳالهين ۾ تون

انهيءَ ڪري مالڪ فرمائي ٿو، ته ڀهري سجاڳ رهو، پرارٿنا ڪندا رهو، متان آزمائش ۾ نه اچو.

اُپديش ٧٢- ماڻهوءَ ۾ ڪا ذاتي چڱائي آهي ئي ڪانه، جنهن لاءِ مرڪي سگهي

١. اِنسان آهي ڪجهه به ڪين، تڏهن به پرڀو سندس ياد گيري ٿو ڪري ۽ سار ٿو لهي، جيڪڏهن مالڪ اِنسان کي ڇڏي ڏي ۽ ڪو به سندس عرض نه اگهائي، ته هنکي انصاف روءِ ڪجهه به نه چئي سگهبو، ڇاڪاڻ ته اِنسان ۾ ڪا به لائقي ڪانه آهي.

٢. اِنسان پرڀوءَ جي مدد ڪانسواءِ ٻلي جو ٻلو ۽ ٿڏي جو ٿڏو رهندو، پر پرڀو هردم ساڳيوئي ساڳيو آهي، هميشه قائم، ڀلو، نيائي ۽ پوتر آهي ۽ جيڪي ڪري ٿو، سو سڀ چڱيءَ پر ۽ انصاف سان، پوترتا سان ۽ سياڻپ جي جوڙجڪ سان.

٣. اِنسان جو لاڙو اڳتي وڌڻ کان پٺتي هٽڻ ڏي سرس آهي، تنهنڪري هو ساڳيءَ حالت ۾ ٽڪاءُ نٿو ڪري سگهي. پر جيڪڏهن ايشور جي مدد ملندس، ته سندس حالت سڌري پوندي (اِنسان جي مدد ڪارگر نه آهي). اهڙي حالت ۾ انجي منهن جو ورن نه ڦرندو، اُلٽو دل مالڪ جي ياد گيري ۾ آرام پائيندي.

٤. ماڻهو تڏهن ڪرپا جي اُميد رکي سگهي ٿو، جڏهن سڀ اِنساني تسلي پوري طرح ترڪ ڪندو. ڪرپا

جو حق آهي. اهي هميشه جناءِ وارين شين ڏانهن نهارين ٿا، دنيوي شين کي ڇهنديا نٿا رهن.

٢. پرميسر جا ٻالڪ دنيوي شين کي ڪتب آڻين ٿا، جنهن لاءِ مالڪ سٿيون آهن. مالڪ هر ڪنهن شيءِ ۾ ڪانءَ ڪا ترتيب رکي آهي.

٣. جيڪي ڏسين انکي جي فقط ٻاهرين اک سان نه ڏٺو، انکي جيڪي ٻڌين ۽ ڏسين تو، انکي نفساني اک سان نه ڏٺو ۽ هر ويل مالڪ سان صلاح ڪرڻ لاءِ جهت ڪنهن ڪنڊ ۾ لنگهي ويندين، ته توکي وقتي مٿان جواب ايندو ۽ ڪيترين هاڻوڪي يا آئينده جي ڳالهين بابت مت پرائي موٽندين.

٤. جيڪڏهن ڪي سنسا پون ۽ ڪي ڳالهيون پڇڻيون هجن ته انهنجي صفائيءَ لاءِ ڪوٺيءَ ۾ گهڙي وڃجي.

٥. خوف خطري مهل ۽ ماڻهن جي شرارت کان بچڻ لاءِ پرارٿنا جي مدد وٺڻ گهرجي.

اُپديش ٧١- پنهنجن ڏنڏن ۾ ماڻهوءَ کي بيجاءِ ڳڻتي ڪرڻ نه کپي

١. پنهنجا سڀ ڪم ايشور تي ڇڏي ڏيڻ گهرجن. پريو وقت تي انهنجو ڀلو ڪندو، ڳڻتي ڪرڻ مان ڪجهه ڪين ورندو.

٢. اِنسان جو سڀو سڌارو آهي پاڻ تياڳڻ ۾: جيڪو ائين ڪندو، سو بلڪل آزاد ۽ بي ڦرني هوندو. انهيءَ هوندي به شيطان ڏنارڻ کان باز نه رهندو.

٢. پوري پوري طرح جاچي ڏسبو، ته خبر پوندي، ته ڪنهن به خلقيل جيو مونکي ڪو نقصان نه پهچايو آهي. حقيقتاً مالڪ جون ڳريون خطائون ڪيون اٿم، ان ڪري ساري خلقت منهنجي برخلاف ٿي بيٺي آهي. ان ڪري آءٌ خواريءَ ۽ ڏکار جو لائق آهيان. جڏهن اها ڳالهه مان خوشيءَ سان مڃيندس تڏهن مونکي اندر جو سک ملندو ۽ مالڪ سان پورو ميلاپ ٿيندو.

اُپديش ٧٤- اسانجي سک جو مدار اِنسان تي نه هئڻ گهرجي

١. ڪنهن به شخص جي صحبت مان مزو اچيئي ته ان تي پاڙي نه ويهه. مگر جي هميشه قائم مالڪ جي سرن وٺندين، ته پوءِ ڪنهن دوست توکي ڇڏي ڏنو ته توکي ايترو ڏک نه ٿيندو. ڪا به خسيس شيءِ هجي ته جي ان سان بيجاءِ موه رکيئه، ته اها توکي پرم پلائيءَ کان پري ڪندي ۽ بگيڙيندي.

٢. جيڪڏهن ڪنهن سان دوستي رکڻ ٿو چاهين، ته سڀ ايشور جي لڳه رکه، ان کانسواءِ دوستي نه فائدي واري، نه جٽاءُ واري آهي. جي ڪنهن مائٽ سان موه اٿيئي، ته ان کي به مٺل جاڻ. پاڻ ۾ ڪا به چڱائي نه سمجهه، ڇو جو ايشور جي ڪرپا نماڻين دلين تي ٿئي ٿي. جيڪڏهن سيني اُپاين

جي ضرورت آهي پڳتي پرائڻ خاطر ۽ ان ڪانسواءِ، ايشور کي ڳولي نہ سگهبو ۽ جي ڪرپا ملي تہ مالڪ جي تسلي ملندي، ذات جي بخشيش ملي سگهندي. جنهنڪري سرهو ٿي سگهي ٿو.

٥. سڪڻو هٺ هڪ بري بلا آهي چاڪاڻ، جو انڪري ماڻهو سچي وڏائيءَ کان رهت ٿو ٿئي ۽ سور ڳي ڪرپا کوهي ٿو وهي ۽ جڏهن ماڻهو پاڻ مان راضي ٿئي ٿو، تڏهن ٻين کي رنجائي ٿو، جڏهن هو ماڻهن جي ساک کي ٿو مري، تڏهن سچي نيڪيءَ کان نراس ٿو ٿئي.

٦. اِنسان جي سچي عزت آبرو ۽ پوتر سرهائي هن ۾ آهي: مالڪ ۾ فخر وٺي ۽ نہ پاڻ ۾، ايشور جي نالي تي گدگد ٿئي ۽ نہ پنهنجي زور تي ڪڏي. جيڪڏهن ڪنهن اُپايل شيء تي مرڪي، تہ اهو بہ ايشور لڳہ. شل هو انهيءَ وڏائيءَ جو طالب ٿئي جيڪا ايشور وٽان اچي ٿي.

اُپديش ٧٣- سڀ دنيوي عزت کي گهٽ ڪري ڄاڻجي

١. متان دل ۾ ڪرين، جيڪڏهن ٻين کي عزت ملي سندن واڌارو ٿئي ۽ توکي ڪير بہ نہ ليکي ۽ ڪين جهڙو ڪري ليکي. جيڪڏهن مون ڏانهن پنهنجي دل تاڻيندين، تہ دنيا جي ماڻهن جي ڌڪار مان توکي رنج نہ ٿيندو.

٢. جن ڳالهين مان توکي شانتي نہ ملي، انهن کي ٻڌو اَڻٻڌو ڪري لنوائي ڇڏ.

٣. نا وڻندڙ ڳالهيون ڏسي، اکيون ٻوٽي ڇڏ.

٤. تڪراري ڳالهين ۾ پوڻ بدران، اڳلي کي ڇڏي ڏي.

٥. جيڪڏهن آتما کي ڪو نقصان ٿو پوي، تہ ان جي سڌارڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

٦. ٻاهرين شين ۾ گپڻ کان پاڻ سنڀالڻ گهرجي، نہ تہ ڦاسي پئبو.

اُپديش ٧٧- هرڪنهن جي ڳالهہ تي هٺ نہ ڪجي، ٻيو تہ ڳالهائيندي خطا ڪرڻ ۾ دير ڪانہ ٿي لڳي

١. اِنسان جي مدد بيڪار آهي، ان ڪري مشڪل وير، مالڪ، تون مدد ڪرينءِ. سڀارن جي مڪتي تو منجهہ ئي آهي. اسين نربل ٻچڙا آهيون، انڪري جلد نڀجو وڃون ٿا. ڪهڙو بہ هوشيار يا عقل وارو هوندو، تہ ڪڏهن نہ نڀجي ويو هوندو.

٢. جنهن جو ايشور ۾ ڀروسو هوندو، سو سولو ٿو تاڙجي، ڇاڪاڻ جو مشڪل ۾ سندس مدد اچي رسندس، يا وٽانس تسلي ملنديس. ايشور جهڙو سچو دوست ٻيو ڪونهي.

٣. پرڀوءَ اسانکي اڳيئي چتايو آهي، تہ ماڻهن کان خبردار رهجو. اِنسان جا ويري خود سندس گهر جا ڀاتي ئي ٿيندا.

شين جي موه کان خالي ٿي پوندين، ته ايشور توکي رڳي ڇڏيندو.

اُپديش ٧٥- ڪوڙي ۽ دنيوي علم جي برخلاف

١. ايشوري وچن تي ڌيان ڪر، ته پوءِ توکي دل جي سوجهي ملندي، گناهن لاءِ پڇتاءُ ٿيندءِ ۽ انيڪ پرڪارن جي تسلي ملندي. باقي ماڻهن جي سهڻين ۽ چترائيءَ جي ڳالهين تي متان هرڪجي وڃين. پنهنجي ٻچڙاين کي مارڻ جو اُدم ڪر.

٢. ايشوري انسان کي علم ٿو بخشي. جنهن سان هو ڳالهائي ٿو، سو جهٽ سياڻو ٿي پوندو ۽ آتمڪ سڌارو گهڻو ٿيندس.

٣. ڏک آهي انهن جي حال تي، جيڪي انيڪ عجيب ۽ غريب ڳالهين سکڻ جا شائق آهن، پر ايشور جي خدمت ڪيئن ڪجي، اُنجو خيال ڪونه ٿا رکن.

٤. مالڪ ڪن کي عام ڳالهيون، ڪن کي خاص ڳالهيون ٻڌائي ٿو. ڪن کي نشانين، اشارن ۽ ميٺاج سان ڏيکاري ڏئي ٿو ۽ ڪن کي وري گهڻي چٽائيءَ سان پيد سليندو آهي. اندر ۾ سچ سيکارڻ وارو، دلين جي سونجهڻ وارو، خيالن جي پروڙڻ وارو، ڪمن جي تحرڪ ڏيڻ وارو ايشوري آهي. جنهن کي جيتري قدر لائق ٿو سمجهي، اوتري قدر ڏئيٿو.

اُپديش ٧٦- ٻاهرين شين سان واسطو نه رکجي

١. گهڻين ڳالهين کان اَڻڄاڻ رهه ۽ دنيا ۾ ٻاڪي مثل ڪري ڄاڻ.

٣. صبر ڪرڻ سان سڀ ڏک دور ٿي ويندا.
٤. مالڪ جي حق ۾ جيڪي به ڪجي، سو ڌيان ۽ سچائيءَ سان ڪجي، انهيءَ ۾ وڏو فائدو آهي.
٥. نئين جيون ڪاڻ ايشور جا گڻ ڳائجن، مائٽ ۾ رهجي، پرارٿنا ڪجي، صبر سان ڏک سهجن، ائين ڪرڻ سان شانتي پراپت ٿئي ٿي.
جڏهن شانتي پرپي ٿي، تڏهن ڏک ۽ سک هڪ سمان ڀاسي ٿو ۽ ڏانهن ڪرڻ جو سبب نه رهندو.
٦. ڏکر هلائڻ بدران ٻين جو تابعدار ٿي رهجي.
٧. سورڳي وڏائيءَ ۽ هميشه جي جيئاپي ڪاڻ هر قسم جا ڪشالا ڪيڻ کپن.

اُپديش ٨٠- نئين جيون جي سک ۽ جيڪي دليرِ ٿي اڙندا، تن سان وڏي انعام جو واعدو

١. جڏهن سمجهون ته هميشه جي سک جي سک اسان ۾ مالڪ وٽان اوٽي ويئي آهي ۽ چاهيون ته هي سرير ڇڏي نوراني تجلو جيئن جو تيئن وجي پسون، تڏهن پرميسر جي پرم ڀلائيءَ جا شڪرانا ڪجن، جا اسان تي هيڏي مهرباني ڪري ڌرتي تي ڏي ۽ چاڙهي مٿي ٿي ڪري. اهڙي سک مالڪ جي ڀلائيءَ ڪري اُپي ٿي ٿئي، ڇاڪاڻ ته سندس مرضي آهي، ته اسين نيڪيءَ ۾ ترقي ڪريون، لهنائي سکون، آئيندي جي لڙائيءَ لاءِ تيار رهون ۽ سچي صدق ۽ پيار سان سندس خدمت ڪريون.

۴. جيڪو اِنسان اڳيئي وڃائي ڪجهہ سگهيو آهي، سُو آئينده لاءِ خبردار ٿئي.

اُپديش ٧٨- ڪوبہ سخت ڳالهائيندڙ نہ مالڪ ٿي رکجي

١. خطائن ڪري ڪير بہ سخت ڳالهائيندون، تہ دل ۾ نہ ڪجي، پر صبر ۽ ڌيرج سان پنهنجن عيبن کي سڌارڻ جي ڪجي.

٢. بد نيت سان ڪٿي ڪو ڏوھ مڙهيو بہ وڃي، تہ ڪن ٿار ڪري ڇڏجي.

٣. جنهنجو من ايڪاگر آهي، سو اُستت ۽ نندا جي پرواه نٿو ڪري.

۴. نيڪ ماڻهوءَ جي وڏائي آهي سندس وويڪ ۾.

٥. اِنساني ساکہ گمراه ڪندڙ آهي. ڳجهين ڳالهين کي پرکڻ وارو ۽ ڏوهي ۽ وڏوهيءَ جي نياءَ ڪرڻ وارو مالڪ آهي، تنهنڪري هرڪنهن نبيري لاءِ سندس سرن وٺجي، سندس جهجهي ٻاجهہ ۾ ڀروسو رکجي ۽ ڪانئس معافي گهرجي.

٦. ايشور جي ٻاجهہ کان سواءِ ڪوبہ سچيار ليکجڻ ۾ نہ ايندو.

اُپديش ٧٩- نتيہ جيون ڪاڻ هرڪا سختي سهجي

١. ڪابہ تڪليف آڏو اچي تہ مايوس نہ ٿجي.

٢. مالڪ جي وچن سان پاڻ کي ڏڍ ڏجي.

تابعدار ٿي رهجي، ڪير بہ ڪو ڪم ڇوي، چاهي بالادست، چاهي زيردست، يا همشريڪ، سو چاهہ سان ڪرڻ جو اُدم ڪجي. پاڻ کي گهٽ ڄاڻڻ ۽ مالڪ جي اِڇا ۽ وڏائيءَ ۾ خوش ٿجي. هميشہ اهائي سڌ رکجي، تہ ايشور جي وڏائي ٿئي.

اُپديش ٨١- ويڳاڻائيءَ مهل ماڻهوءَ کي کپي تہ پاڻ مالڪ جي حوالي ڪري

ا. جڏهن ويڳاڻائي ويڙهي وجي، تڏهن پاڻ مالڪ جي حوالي ڪري آرڏنا ڪجي، تہ هي پريو پرميسر! ڌن هجين تون. هي پوتر پتا! تون جيڪي ڪرين ٿو، سو منهنجي ڀلائيءَ لاءِ ٿو ڪرين. تون ئي منهنجي سرهائي، اُميد، چيت، خوشي ۽ وڏائي آهين. تو وٽان ئي سڀ ڪجهہ مليل اٿم. جي هن داس تي تنهنجي نوازش نہ هجي، تہ تنهنجا گڻ اُتساهہ ۽ پريم سان ڳائي نہ سگهي. هي پتا! تون ئي نيائي آهين ۽ تون سڀ پيار جو لائق آهين؛ سڀ وڏائي توکي ڄڳائي. تنهنجي اها مرضي آهي، تہ هي تنهنجو داس ٿوري وقت لاءِ نرادر ۽ گهٽتائي سهي، ڪشٽ ۽ روڳ پوڳي، پريکيائن مان پار پوي، سچائيءَ جا نبيرا سکي، هٺ ۽ ايمان ڇڏي ۽ تنهنجن فتوائن جو خوف ڪندو رهي. تو بنا ڏيڍ ڏيڻ وارو ڪو بہ نہ اٿم. تنهنجي شرن آيو آهيان، نهنو ڪريتم تہ تنهنجي مرضي پٽاندر هلان ۽ سڀ منو ڪري پوڳيان.

٢. ڪيترا اهڙا بہ آهن، جي سورڳي پدارٿن لاءِ ترڦن ٿا، تہ بہ آزمائش کان آجا نہ آهن. جيڪي هو پرميسر کان گهرن ٿا، تنهن ۾ سندس وڏائي نٿا طلبين. جا سڪ سوارٿي آهي، سا خالص ۽ پورن نہ آهي.

٣. مالڪ کان اها شيءِ نہ گهرجي، جا پاڻکي سٺي لڳي، پر اها جا ڪيس وڻي ۽ جنهن ۾ سندس وڏائي ٿئي. جيڪي پاڻ ٺهرائي، اهو پسند ڪجي ۽ ان موجب هلجي، ڇاڪاڻ تہ سورڳي راڄ ماڻڻ لاءِ گهڻئي آزمائش مان پار پوڻو آهي.

٤. جيڪي اَڻوڻندڙ هجي تنهنجي ڪرڻ خواه سهي وڃڻ ۾ دلير ٿجي. ڪم جي پايون تہ نہ ڪريون، سي ڪرڻا پوندا. جن سان دل هوندي، سي ڇڏڻا پوندا. ٻين جي ڳالهہ مڃي ڪئي ويندي، ٻيا جيڪي طلبيندا سو ملندن، ڪين وڏا عهدا ملندا. سچو داس جيڪي طلبيندو، سو سڀ ڏيٺيو ويندو، پر جي پريکيا مان پار پيو، تہ اها وڏي ڳالهہ ليکبي.

٥. سچي داس جي اهائي پرک آهي، تہ مڙيئي ڳالهيون پاڻ تياڳي ۽ جيتي، ائين ڪرڻ سان ڪيس جهجهو انعام ۽ گهڻي تسلي حاصل ٿيندي. سرڳ ۾ هميشه پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ ٿيندو ۽ جيڪي چاهيندو سو هڪدم حاضر هوندس. اتي ڪير بہ سندس برخلاف نہ هوندو. آگيا مڃڻ جو ڦل پائيندو.

٦. اهڙي پرم آنند پائڻ لاءِ جڳائي، تہ نمرتا ڌارجي،

اُپديش ٨٣- جنکي دنيوي ڌوان جو سواد آهي، سي ايشوري ڪرپا کان نراس ٿا رهن

١. جو دنيوي سوادن جي پٺيان ٿو ڊوڙي، سو ايشوري ڪرپا کان رهت آهي. جي پاڻيون ته ايشوري ڪرپا ٿئي، ته جن ڳالهين مان رنڊڪ ٿي پوي سي پاڻ مان ڪڍجن.

٢. ڪنهن جي به صحبت جو شايق نه ٿجي. دوستن ۽ مٽن مائٽن کان پري رهجي. ايڪانت ۾ رهي، مالڪ کي سڪ سان پڪارجي. وويڪ صاف رکي، سچيءَ دل سان پڇتاءُ ڪجي. دنيا کي ڪي ڪين ڪري ليکجي. دنيوي تسلي جي اُميد نه رکجي. نفساني سڌن کان پري رهجي. دنيوي شين سان موه نه هئڻ ڪري، مرڻ گهڙيءَ وڏو ڀروسو ٿيندو.

٣. جنهنجو روح نفساني مزاج آهي، سو روحاني مزاج واري جي آزادگي سمجهي نه سگهندو. پوري سوڀ آهي پاڻ جيتڻ ۾. ڪماليت جي درجي حاصل ڪرڻ ڪاڻ، پاڻ سان جو موه اٿئون، تنهنکي پاڙون پٽي ڪڍجي. جو پاڻ پنهنجي طرف مڙڻ جي نٿو ڪري، سو پنهنجي آتما کي مٿي چاڙهي ڪين سگهندو. جو روحاني مزاج ٿيڻ ٿو گهري، تنهنکي پاڻ تياڳي سڀ واسنائون ماري ڇڏڻ گهرجن ۽ ڪنهن به اُپايل شيءِ سان حد کان ٻاهر موه نه رکي.

٢. تون ڄاڻين ٿو، تہ منهنجو سڌارو ڇا ۾ آهي، تنهن لاءِ جيڪي چڱو لڳيئي، سوئي ڪر. منهنجي اوڻاين ڏي نہ ڏس. هي پريو! اهڙو ور ڪريئم تہ جيڪي ڄاڻڻ کپيم، سو ڄاڻان ۽ جيڪي پيار لائق هجي، تنهن سان پيار رکان ۽ انهيءَ جي ساراه ۽ قدر ڪريان، جو توکي وڏنڌڙ هجي. دنيوي ۽ آتمڪ ڳالهين جي پوري تور تڪ ڪريان ۽ ڳالهيون ٻڌي فتوي نہ ڏيان، ڇاڪاڻ تہ اڃائي ساراه سان اڳلي ڪي ٻتال ٿو ڪجي.

اُپديش ٨٢- جڏهن اوچن ڪمن جي توفيق ساري نہ سگهجي، تہ هلڪن ڪمن ۾ پاڻ رنڀائجي

جيسين هي سرير آهي، تيسين اصلوڪي بگاڙ سبب وڃي دنيوي ڳالهين ۾ پئبو. نيڪي ۽ سرگرم خواه اعليٰ درجي جي ڌيان ۾ قائم رهي نہ سگهبو ۽ خفي پيو ٿبو. اهڙي وقت پاڻ کي هلڪن ڪمن ۾ رنڀائجي ۽ چڱن ڪمن سان پاڻ وندرائجي. مالڪ جي درشن جي اُميد رکجي تہ هو پنهنجي ڪرپا ڪري، سڀني چنتائن کان آجو ڪري، اندر جو سک ڏيندو. اهڙي رهت رهڻ سان اسان ۾ جيڪا وڏائي ظاهر ٿيندي، تنهن اڳيان اسانجا دک درد ڪي ڪين پاسندا.

ڪرپا چاھ سان ڪم کي لڳيو وڃي.
سڀاءُ ناھ نوھ جو شايق آھي.
ڪرپا غريبيءَ ۾ خوش آھي.
سڀاءُ لوڀي آھي.
ڪرپا آھي فراخدل ۽ ٿوري ۾ راضي آھي. ونڻ کان ڏيڻ ۾ برڪت ٿي ڄاڻي.
سڀاءُ اُپايلن شين، تن پوري ۽ سڪڻين شين ڏي مائل آھي.
ڪرپا اِنسان کي مالڪ ڏي ۽ نيڪيءَ ڏانھن ٿي نئين. دنيا کان پري رھي، نفساني خواھشن کان نفرت ٿي ڪري. عام ۾ پاڻ ظاھر نٿي ڪري، پرميسر جي خاص ڏات آھي، روحاني مزاج وارن کي مٿي چاڙھي، سورڳي پدارٿن سان سندن لنئهن ٿي لڳارائي.

اُپديش ٨٥- سڀاءُ جو بگاڙ ۽ ايشوري ڪرپا جو تاثير

١. اِنساني سڀاءُ جنھن کي ايشور چڱو ۽ نيڪ ڪري جوڙيو، سو آدي پرک آدم جي خطا ڪري پنھنجي اصلوڪي حالت کان بگڙيل آھي، جنھنڪري سندس لاڙو برائيءَ ۽ دنيوي شين ڏانھن ٿو رھي ۽ اِنسان ذات کي گناھ جي سزا ٿي ڀوڳڻي پوي. سمجھ ھوندي بہ جو نفساني خواھشن ۽ حرص کي روڪي نٿا سگھون، سو انھيءَ ڪري جو اسانجا اصلوڪا

اُپديش ٨٤- اِنساني سڀاءُ ۽ ڪرپا جون مختلف تحرڪون

اِنساني سڀاءُ ۽ ڪرپا جي چرپر علحدي آهي. انهيءَ کي اهوئي سڃاڻندو، جنهن کي اندر جي سوجهي آهي. ماڻهو ڀلائي طلبي ٿو، پر جيڪي چوي يا ڪري ٿو تنهن ۾ ڀلائيءَ جو ٻاهريون ڍنگ رکي ٿو. تنهنڪري ڀلائيءَ جي ڏيک ويک ڪري گهڻا ٺڳجيو وڃن. سڀاءُ ۽ ڪرپا جي ڀيٽ:-

سڀاءَ ڪوڙو، موهيندڙ، ٺڳيندڙ ۽ خود مطلبي آهي. ڪرپا ملي ٿي سرلائيءَ سان، ڏيک ويک کان پري ڀڄندڙ آهي، ڪوڙ ڪپٽ مان ڪين ڄاڻي، پرميسر کي پنهنجي آخرين مراد ڄاڻي، ان ۾ئي وسرام پائي ٿي.

سڀاءُ ٻين کي پنهنجي تابع رکڻ جي ٿو ڪري، پر پاڻ ٻين جي تابع رهڻ پسند نٿو ڪري.

ڪرپا پاڻ مرڻ جي ڪري ٿي، خواهش کي روڪي ٻين جي تابعداري ۾ خوش ۽ هميشه چاهي ٿي تہ مالڪ جي تابع رهان ۽ جيئان.

سڀاءُ پنهنجي فائدي لاءِ وس ٿو وجهي. اُستت ۽ نندا جو خيال ٿو رکي.

ڪرپا بنا مطلب پراُپڪار ٿي ڪري، عزت ۽ وڏائي مالڪ سان ٿي لڳائي.

سڀاءَ جي دل آهي سستي ۽ آرام سان.

٣. هلڪين هلڪين تڪليفن مهل پنهنجي ڪمزوريءَ جو سماءُ رکجي. ائين سمجهڻ گهرجي، ته اُهي اسان جي ڀلي لاءِ آهن، حيران ۽ پريشان نه ٿجي.

٤. ڇو لڳڻ تي به پاڻ روڪجي. ٻرو حرف زبان مان نه ڪڍجي، ته مٿان جي هيٺا آهن، سي ٿا ٻرجن.

٥. طوفان جو اُٿيو آهي، سو جهٽ ماٺو ٿي ويندو. ڪرپا موٽي اچڻ تي سڀ درد دک لهي ويندا.

٦. صدق سان ايشور در اهڙي ويل پڪارڻ سان، اڳي کان به وڌيڪ ڌير ۽ تسلي ملندي.

اُپديش ٨٧- نڪي اوچين ڳالهين جي، نڪي مالڪ جي ڳجهين عدالتن جي سُونجهه ڪجي

١. اوچين ڳالهين ۽ مالڪ جي ڳجهين عدالتن بابت بحث ۽ تڪرار ڪرڻ کان پاسو ڪجي.

٢. سنتن جي ڳڻن بابت پڇ پڇ نه ڪجي، ڇاڪاڻ ته انهن مان تڪرار ٿا اُٿن ۽ سنت ناراض ٿا ٿين.

٣. سنتن کي اُپائڻ وارو پاڻ مالڪ آهي ۽ مانُ ۽ وڏائي به پاڻ ئو ڏين. اَنيڪ آزمائشن ۽ تڪليفن مان لنگهائي صبر جو چٽ ٿو ڀرائين ۽ اَتي پريم ئو ڪرين. ننڍا توڙي وڏا سنت ايشور جي نظر ۾ هڪ آهن، سنتن دئاران ايشور جي واکاڻ ٿيڻ ڪپي، تنهن ڪري اِنسان کي ننڍي توڙي وڏي کي هڪ نگاه سان ڏسڻ گهرجي.

سياءَ برابر نہ آهن. اهڙي اُصلوکي بگاڙ کي سڌارڻ ۽ مکتي حاصل ڪرڻ لاءِ ايشوري ڪرپا جي سخت ضرورت آهي. جي ايشوري ڪرپا ساڻ آهي، تہ ڪوبہ خوف خطرو نہ آهي.

٢. هر ڪنهن چڱي ڪم جي آرنڀ ڪرڻ، انکي هلائڻ ۽ پوري ڪرڻ لاءِ ايشوري ڪرپا گهرجي.

٣. ڪرپا بنا ڌن دولت، سونهن سوڀيا، سگهہ سار، عقل يا چترائي، ڪي ڪين آهن. جيڪي ايشوري ڪرپا سان سينگاريل آهن، تنجو نفس تي ضابطو آهي، ارادي جا پختا، نڊر ۽ نهٺا آهن ۽ سڀ گڻن ۾ پرپور آهن.

٤. ڪرپا سچ سيکاريندڙ، قاعدي قانون ۾ رهڻ لاءِ صلاح ڏيندڙ، دل جي روشني، ڏکہ ۾ دلاسو ڏيندڙ، ڏکہ ميٽيندڙ، خوف خطرا دور ڪندڙ، پڪتي جاڳائيندڙ، ڏيہ ڏيندڙ، ۽ پريم جا لڙڪ آڻيندڙ آهي. ايشوري ڪرپا بنا اِنسان سڪل ڪاٺيءَ سمان آهي، جا هوند اُچلائي ڇڏجي.

اُپديش ٨٦- ماڻهوءَ کان کي خطائون ٿي وڃن، تہ حد کان ٻاهر دلگير نہ ٿجي

١. ڏکہ وير ڌيرج ۽ نمرتا سان هلجي.

٢. اسان مان ڪوبہ ڪي ويڪون ڪيڏي، تہ بہ وياڪل نہ ٿجي، نہ ڏکہ ڪجي.

شيءِ آهي ئي ڪانه، جنهن مان اسانکي تسلي ملي، تنهن ڪري اهڙيءَ اُپار ديا لاءِ ڪيس پڪارڻ گهرجي ته:-

١. هي پريو پرميسر! تون منهنجو سچو آهين. تو بنا اوکيءَ ۾ منهنجي سهائتا ڪرڻ وارو ٻيو ڪوبه نه آهي. تون ئي منهنجو آسرو، تون ئي منهنجو ڀروسو، تون ئي منهنجو ڌڻي ۽ سچو سڄڻ آهين. سڀ ڳالهه مان منهنجو فائدو تون ڪندين. جيئن ته تون منهنجي مڪتي ٿو چاهين، تنهنڪري آزمائش ۽ پريکشا ويل توکي اهڙو ئي پيار ڪرڻ ۽ واکاڻڻ ڪپيم، جهڙو انهيءَ مهل، جڏهن سور ڳپي تسلي سان رڳي ٿو ڇڏيم.

٢. هي پريو تون منهنجي اُميد ۽ آسرو آهين، تنهن ڪري پنهنجا دک ۽ درد توتي ٿو ڇڏيان. توکان سواءِ ٻيو جيڪي به ڏسان ٿو، سو ناسونت آهي. جتي تون آهين، اُتي سورڳ آهي. جتي تون نه آهين، تتي موت ۽ نرڪ آهي.

٣. هي پريو جيسين تون پنهنجي رحم جي نظر نه ڪندين، تيسين نه دوست ڪم ايندا، نڪي زور پرين مددگارن مان ڪي ورندو، نه غافل صلاحڪارن وٽان ڪو ڪارائتو جواب ملندو، نه وري عالمن ۽ ودوانن جي پستڪن پڙهڻ مان تسلي ملندي، نه مال ملڪيت بچائي سگهندا، نه وري ڪنهن به گوشائتي ۽ فرحتي جاءِ مان پناهه ملي سگهندي.

٤. سڀ سنت هڪ اِڇا ۽ هڪ خيال جا آهن، سندن
ٻار ۾ پريت ۽ ميل آهي. خود پرستي کان آجا آهن
۽ ايشوري پريم ۾ رتا رهن ٿا. تنهن سچ سان ڀرپور
آهن، جنهن ڪري سندن اندر ۾ سدائين محبت
سندو مچ ٻيو ٻري. هنن کي پنهنجن گڻن جو فخر
نه آهي. نه وري وڏائيءَ جي ڪمي ۽ نه سڪ جي
گهٽتائي اٿن.

٥. سونهن سونهن ڪرڻ بدران سنتن کي پريم ڀرين
پرارٿنائن ۽ لڙڪن سان سڌ جي ۽ نماڻو ٿي ڪائن
دعا گهرجي، ته هو پنهنجي مهر جي نظر رکندا اچن.
سنت جئن وڏي درجي تي پهچندا وڃن، تئن
وڃن ويڪ نهنا ٿيندا ۽ ايشور جو پيار به وڃي
مٿن وڌندو. هو ٻار کي ننڍي ٻالڪ جيئان گهٽ
ٿا سمجهن.

٦. سرڳ جي راڄ جا اُهي لائق آهن، جي ننڍن ٻالڪن
جهڙا آهن، ڇاڪاڻ ته سرڳ ۾ جتي سڀ وڏا آهن،
تتي گهٽ ۾ گهٽ هئڻ به هڪ وڏي ڳالهه آهي.
جو ٻاڻڪي خوشيءَ سان هيٺ ڪرڻ کان عار ٿو
ڪري، تنهنجو بڙو حال آهي، ڇو ته سرڳ جي
دروازي مان، جو ننڍو آهي، تنهن مان هو لنگهي
ڪين سگهندو.

اُپديش ٨٨ـ اسانکي سڀ اُميد ۽ توڪل رکڻ کپي فقط پرميسر ۾

هن حياتيءَ ۾ پريوءَ جي دَيا ڪانسواءِ ٻي ڪا اهڙي

۴. هي پرميشور! تون ئـي ڀلائيءَ جو چشمو، حياتيءَ جي ڪماليت ۽ سياڻپ جو ساگر آهين. توتي توڪل رکڻ مان ئي تنهنجي داس کي وڏي تسلي ٿي ملي.

۵. هي ديا ميءِ پتا! توڏي اکيون کڻان ٿو، تو ۾ آسرو اَٿم. پنهنجي سورڳي آسيس سان منهنجي آتما کي شڌ ۽ پوتر ڪر، تـ اها تنهنجي پوتر آستان ۽ نتيہ وڏائيءَ جو سنگهاسن ٿئي، جتي توکي اهڙي شيءِ ڏسڻ ۾ نہ اچي، جا تنهنجي نظر ۾ بري هجي.

٦. مون تي پنهنجي ديا جي درشٽي ڌر، آتما جي رکيا ۽ سنڀال ڪر. پنهنجي ڪرپا جـي مدد سان هن فاني دنيا مان شانتيءَ واري وات تان روشنيءَ واري گهر ۾ (ٻيءَ دنيا ۾) پهچائج.

Printed by Asudomal R. Punwani
at the Crown Printery, Arthur Road, Bombay-11.
Phone: 392375
Published by Mulchand Khushiram Kripalani
Mira Mansion, Sion, Bombay-22.
December 1972

